# پاڙ سڃاڻج سُپرين

سمپادڪا

وينا شرنگي



جناب اسد جلیل ال

هدیه کوثری

دنیا سری

19/05/06

# پاڻ سڃاڻج سُپرين

## آزاديءَ جي هلچل ۽ ديش جي واڌاري ۾
## سنڌي ڀينرن جو يوگدان

(مقالا)

ايڊيٽر

وينا شرنگي


مارئي

سنڌي ڀينرن جي سوشل، ڪلچر ۽ لٽرري تنظيم

سي-٨۴٠، اندرپوري، نئي دهلي - ١٢

| | | |
|---|---|---|
| Title | : | **Panu Sunjaniji Supreen**<br>(Role of Sindhi Women in Freedom Struggle and in Progress of Our Country)<br>(Essays) |
| Edited by | : | **Veena Shringi** |
| First Edition | : | **2000**<br>All rights are reserved by<br>**MARUEE** organization |
| Copies | : | **500** |
| Price | : | **Rs. 101/-** |
| Published by | : | **MARUEE**<br>*Social, Cultural & Literary Organization of Sindhi Women*<br>C-84, Inderpuri, New Delhi-110012<br>Ph. : 5759292 & 5712563 |
| Lasertypesetter | : | **Raj Rajeshwari** |
| Printed by | : | **Nishant Computers & Printers**<br>Phone : 2942103 |

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| ١. | مُهاڳ | | ٧ |
| ٢. | آزاديءَ جي هلچل ۾<br>سنڌي نارين جو يوڳدان | ڪرشنا ڀمياڻي | ١٩ |
| ٣. | آزاديءَ جي هلچل ۽<br>سنڌي استريءَ جي جاڳرتا | سيتا سامتاڻي | ٣١ |
| ٤. | آزاديءَ جي هلچل<br>ڪي يادگريون | سدوري اڪناڻي | ٤٣ |
| ٥. | سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل | لڪشمي سدوا | ٥٣ |
| ٦. | ڪلا، ساهتيہ، ميڊيا ۽ ٻين<br>کيترن ۾ سنڌي ڀينرن جو يوڳدان | شالني ساڳر | ٥٨ |
| ٧. | سنڌي استريءَ جو تعليم<br>ذريعي يوڳدان | اندرا واسواڻي | ٧٢ |
| ٨. | ديش ڀڳتيءَ جا گيت | | ٨٨ |
| ٩. | ساڄڻن جا سنيها | | ٩٦ |

| | | |
|---|---|---|
| Freedom Movement in Sindh | | 103 |
| Historical Facts & Important Events | | 107 |
| MARUEE--A Profile | | 118 |
| The Role of Sindhi Women in Freedom Struggle in Sindh | *--Dr. Subhadra Anand* | 124 |

# حب الوطني

آءُ ڪيئن ڇڏيان سومرا ، تن پنهوارن پچار
جڙ جنهين جي جان ۾ ، لڳي ري لهار
ميڙخون محبت سنديون، هنئڙي منجهہ هزار
پڪا ۽ پنوهار ، ڏٺي مون ڏينهن ٿيا.

(شاهہ)

وا جهائي وطن کي آئون جي هت مُياس
ڳور مهنجي سومرا ڪج پنهوارن پاس
ڏج ڏاڏاٽي ڏيهہ جي منجهان ولڙين واسُ
مُيائي جياس جي وڃي مڙُهہ ملير ۾

(شاهہ)

# ارپنا

آزاديءَ جي هلچل ۾ حصو وٺندڙ هزارين
سنڌي ڀينرن کي جن گهر ٻار ۽ سکن جو
تياڳ ڪري ديش لاءِ قربانيون ڏنيون،
۽
سنڌي ڀينرن جي مارئي تنظيم کي ،
جنهنجي حُب الوطنيءَ جي جذبي مان
پريرڻا حاصل ڪري ڀينرن کي سنڌي ٻولي،
ڪلچر ۽ تهذيب جي شيوا ڪرڻ جي
ڀاونا من ۾ جاڳي.

وينا شرنگي.

## Ladies Procession in Karachi

*Sindhi ladies were in the forefront of the movement in 1942 freedom movement. They donned Khadi, left their hearths and homes and took out processions, enthusing others to participate in the freedom movement. Scene of a procession in Karachi.*



دانشورن، ترقي پسند ليکڪن، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي ڪاڪو ڀيرو مل مهرچند، ڇيٺمل پرسرام، ٽيورٽ وسنت نارائڻ داس ملڪاڻي، دادا اُتم هاسو مل ايسرداس ماکيجاڻي ڪراچيءَ ۾ ١٩٤٤ع ۾ سروجني نائيڊو استرين جي ڪانفرنس کي خطاب ڪيو. لکين ڀائرن ڀينرن قربانيون ڏنيون، انهن سڀني کي سلام ڪريون ٿا، اسين پهنجي عقيدت پيش ڪريون ٿا. هيءَ تاريخي دستاويز آزاديءَ جي هلچل ۾ حصو وٺندڙ بيشمار آزاديءَ جي پروانن، پردي ڍڪيان سيوا ڪندڙ مائرن، ڀينرن ۽ مارئي تنظيم کي ارپڻ ڪيو آهي، جنهن جي پريٽا ڪري ئي هيءُ رڪارڊ هن ڪتاب ۾ شامل ٿي سگهيو آهي. مارئي سنستا گذريل ١٦ سالن کان سنڌيت جي هلچل جو جيڪو ڪار يہ پهنجي وت آهر ڪري رهي آهي اُهو بہ سماج جي سهڪار ۽ سنڌيت جي هڏڏوڪين جي صدقي ڪري سگهي آهي. جنهن جو مختصر رڪارڊ هتي شامل ڪيو آهي.

مقالن تي آڌارت هن دستاويز جو عنوان ،پاڻ سڃاڻج سڀرين، انڪري رکيو آهي جو هاڻي وقت جي تقاضا اها آهي تہ پهنجي انتر آتما ۾ جهاتي پائي پاڻ کان سوال ڪريو تہ اسان پهنجو پاڻ سان ڪيترا ايماندار رهيا آهيون ،ناٿو ڪمائي پهنجي پيرن تي برا بر مظبوتيءَ سان بيٺا آهيون پر اسان جو ڪلچر، ٻولي ، تهذيب تمدن ۽ ورثو منهن موڙي رهيو آهي، پهنجي انا کي تاڪ تي رکي ايڪي جو پلانڊ پڪڙيون نہ تہ تاريخ اسان کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندي. ماضيءَ جي غلطين مان سبق پرائي پهنجي بزرگن جي قربانين جو قرض چڪايون

ڪارگل جي امر شهيداجيہ آهوجا جي گهرواري الڪا آهوجا جا احسان جنهن هن قومي سيمينار ۾ ا چي ديش پريم لاءِ سڏ ڏنو اين. سي. پي. ايس. ايل جي وائسيس چيئرمين شري ڪي. آر.

ڪتاب، آزاديءَ جي هلچل ۾ حصو وٺندڙ بيشمار ڀينرن ۽ مارئي تنظيم کي شرڌا سان سمرپڻ ڪيو آهي. اُميد ڪيون ٿا تہ مقالن تي آڌارت هيءَ ڪتاب نہ صرف علم ادب سان واسطو رکندڙن، پر هر سنڌيت پريمي ۽ ديش ڀڳت ڪٽنمبن جي گهرن جي سوڀ نهن بڻبو. آزاديءَ لاءِ ڏنل قربانين ۽ سنڌي ڀينرن جي مختلف کيترن ۾ ڪيل يوڳدان جي تاريخ جي ڇڙ وڇڙ ورقن کي سهيڙي ڪتابي روپ ۾ آڻيندي خوشي محسوس ٿي رهي آهي، اوهان وٽان رايو ۽ رهنمائي ملندي تہ شڪر گذار رهنداسين.

سچل سائين جي هن سٽ سان سيني لاءِ دعا گهر ندي اجازت وٺندس

والي وسائيج دردمنديءَ جو ديس
پرين مون پرديس اُٿي ايندم اوڏڙا
(سچل سرمست)

موڪلاٽي ناهي ،سدائين گڏ ،

وينا شرنگي
ڊائريڪٽر سيمينار
١٥ آگسٽ ٢٠٠٠

# آزادي جي هلچل ۾
# سنڌي نارين جو يوگدان

ڪرشنا پمياڻي

سنڌ جي نارين جي ويرتا جي ساک اسان جي ويد شاسترن ۾ به آيل آهي. سنڌ جو نالو مهاڀارت ۾ به اچي ٿو. مهاڀارت جي اُديوگ پَروَ ۾ هڪ ڪٿا آيل آهي. سنڌ جي هڪ راڻي ودلا ديوي هئي سندس پتيءَ کي دشمن لڙائي ۾ شڪست ڏيئي کيس قتل ڪري ويا. رواج موجب هن کي ستي ٿيڻو هو پر هوءَ پيرين ڀاري هئي انڪري هن ستي ٿيڻُ ٺيڪ نه سمجهيو پيٽ ۾ ٻار کي پاليائين ۽ جنم ڏنائين. جنم بعد اُن جي سُٺي سنڀال ڪيائين ته وڏو ٿيندو ته پنهنجي پتا جي خونيءَ کان بدلو چڪائيندو.

ٻالڪ کي دشمن کان دور رکندي آئي. ڇوڪرو نيٺ وڏو ٿيو. ڪترين جي وديا پرائي ويرُ جوڌو بڻيو. ودولا ديويءَ پنهنجي پُٽ کي چيو. تون هاڻ لڙائي ڪري دشمن کي ڌڪي پنهنجو راڄ هٿ ڪر. ماءُ جا اهي وچن ٻُڌي چوڻ لڳو ته ماتا! مان جنگ ۾ لڙندي جي مري وڃان ته تهنجي سنڀال ڪيرُ ڪندو؟ اهو ٻُڌ ندي ودلا ديويءَ کي ڇڙ لڳي. چيائين ته پُٽ، ماءُ جي ڳود کي لڄي نه ڪر. ويرتا جي واٽ نه وسار. لڙائي جي ميدان تي وڃي دشمن تي وار ڪري وڃڻ جو نادُ وڄاءِ.

سورويرسپاهيءَ ڏنڊا ڏوڙيون، نوڪريون چاڪريون ڇڏي، گهر ٻار تياڳ ڪري ديس سيوا ۾ جنبجي ويا. ٻاهرئين ميدان تي يعني ته ميٽنگن ۾ سرگسن ۾، جيل وڃڻ ۾، انگريز سرڪار جي قائدن ٽوڙڻ ۾ پل مڙد اڳيان رهيا پر زالن جو اُن ڏس ۾ اهم پارٽ هو، ڇو ته اخلاقي مدد سموري زالن جي هئي، مردن جي پر ڀُٽ سڄي گهر جون جوا بداريون زالن ئي سنڀاليون ۽ مردن کي پريٽا ڏينديون رهيون.

گانڌيجيءَ جي ليکن ۽ ليڪچرن پينرن تي ڏاڍو گهرو اثر ڪيو. زالون جيڪي مُسلم راڄ ڪري ۽ ڪي قدر وڏڙن جي جهونن تنگ ويچارن ڪري گهرَ کان ٻاهر به مُشڪل نڪرنديون هيون ۽ ٢٠ صديءَ جي شروع ۾ مس مس ڪري او نچي تعليم وٺڻُ شروع ڪيائون، تن تي گانڌيجيءَ جي آزاد خيالن جو ڏاڍو اثر ٿيو ۽ وري تولارام مينگهراج، هوندراج دکايل، گوردن شرما جيڪي ديش ڀڳتيءِ تي گيت رچيا ۽ شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ ۽ گلي گليءَ ۾ ڳا تن ته هٽي ماڻهن کي پاڳل بڻائي ڇڏيو، خاص ڪري نوجوانن ۽ زالن کي.

جيڪي ٻائر گانڌيءَجي جي جادوءَ ڀري اثر هيٺ آيا ۽ سڀ ڪجھ تياڳ ڪري ٽپي پيا جنگي ميدان ۾، سي هئا جئر امداس دولترام، گهنشام شوداساني، چوئٿرگدواڻي آچاريه ڪرپلاڻي، نارائڻداس ملڪاڻي، سچانند ٿيرو مل، آسودو مل گ دواڻي، نيوند رام وشنداس، چوئٿرام وليچا، سکديو اوڌئداس، پرسرام ٺهلراماڻي، ڀڳوانداس هزاري، شري هرچند

راءِ وشنداس،ويرو مل بيگراج،هاسارام پمناڻي،سوامي ڪرشنانند، ميٺارام هرومل ، ڪيولرام ٽانوائي،اهي سڀ پيا بہ گهڻائي جيڪي آزادي جي لڙائيءَ ۾ پاڻ موڪيندا رهيا،سي سمجهو ٿا پهنجي گهر جي مدد ڪانسواءِ ديشسيوڪ بڻيا هوندا! هرگز نہ ، هر هڪ سنگرامي پنهنجي ڪنهن ناريءَ جو هٿ هوندو آهي،تڏهن ئي هو چمڪي اُٿندو آهي. گهڻوڪري سيني زالن پهنجو شاخصي سُکہ تہ وجائيو پر پريوارڪ جيون ۾ بہ گهڻا ڪشٽڪشالا سٺا ۽ پوءِ پاڻ بہ اهنسڪ لڙائيءَ ۾ زور شور سان ڀاڱ ورتائون. ١٩١٨ع ۾ پهريون وشو يوڌ (پهرين جنگي عظيم) ختم ٿي. جنگ دوران مدد جي عيوض اسان جي ماڻهن هومرُول (ملڪي راڄ) گهريو پر سرڪار نابري واري (انڪار ڪري ڇڏيو) ۽ تحرڪ کي دٻائڻ لاءِ رولٽ ائڪٽ پاس ڪيو. سنڌ ۽ پنجاب ان اِئڪٽ جي سخت مخالفت ڪئي.سنڌ ۾ ڪيترن پهنجون نوڪريون ڇڏيون ۽ آنرري خطاب واپس ڪيا،سرڪاري اسڪولن مان شاگرد بہ پڙهائي ڇڏي آيا ۽ قومي پا ٺشالائون کوليون . وديشي ڪپڙن جو بهشڪار ڪيو ويو.وديشي ڪپڙا زالون گهر گهر مان گڏ ڪري گهٽين ۾ هولي جلائڻ لاءِ نڪرنديون هيون.کاڌيءَ جا ٿاڪيا ڪلهن تي کڻي ۽ گهر گهر ۾ وينديون هئيون.هندو زالون سرگسن ۽ پريات ڦيرين ۾ گيت ڳائيديون هئيون.

جيجل پايو ڪاڏي جام
پينر پايو ڪاڏي جام
اهڙو آهي رايو عام
پينر پايو ڪاڏي جام

پهنجي گهر جي ڪم ڪار مان فارغ ٿي ڪيترين پينرن چرخا ڪلاس ڪوليا ۽ ڳائيندي ٿيون هئيون:

**ٿيو چرخو ڪدڙ پيارو سردار گانڌيءَ جو**
**مهندار گانڌيءَ جو،**
**هڪ هڪ چرخي جو ڦيرو وجي ڪندو،**
**ولائت گهيرو،**
**هيءَ بم گولو آهي ڊيرو سردار گانڌيءَ جو.**

سنڌ جي شهرن ۾ توڙي ڳوٺن ۾ سوديشيءَ جي هلچل، ولائتي شين جو بهشڪار، شراب جي گُتي تي پڪيٽنگ، راشٽريا ڀاشا هنديءَ جو پرچار اِنهن سڀني جوڙ جڪي ڪمن ۾ خاص طرح پينر اڳريون رهيون. ساچانند ڦيرو مل جو ساچو ڪٽمب تحرڪ ۾ شامل ٿيو هن جي ننڍي نيٽي ننهن ڪملا ڳود ۾ ننڍڙي جگديش کي ڪٽي جيل ۾ وئي. سندس ٽيئي پُٽ شري روچيرام، موٽومل، ڳوبندرام ته جيل ۾ ويا پر سندس ٽيئي ننهر ٻه ميدان تي لهي آيون ۽ جيل جي سزا ڪاڏائون، سندس پرٽيل ڏيءَ ڪيسي نهالاڻي ٻه ڦيد ڪئي وئي. هوڏانهن آچاريه ڳدواڻيءَ جو ساچو ڪٽمب، سندس زال

جا ڪپڙا ئي پائينيون هيون هند بسترا بہ کاڌيءَ جا پل تہ ڪيترا بہ کهرا لڳن پر چاڪاڻ جو پهنجي مُلڪ جي ماڻهن جا ٺهيل هئا انڪري پسند ڪنديون هيون واهہ! جو پينرن قربانيون ڪيون.

١٩٣٠ع ۾ اسين ننڍيون ڇوڪريون بہ ڪمن ۾ شامل ٿي ويندينون هيون سين،ڪاڌي پائڻ تہ پهريون ڪم،ڪنڊ نہ ڪا ئڻ پيو ڪمُ چرخو هلا ئڻُ ٿيون ڪمُ،سرڪس ۾ شامل ٿيڻُ ۽ نعرا لڳائڻُ چوٿون ڪمُ . تن ڏينهن ڇوڪرين جي ٻاهر نڪرڻ تي بندش هوندي هئي،حيدرآباد،ڪراچيءَ ۽ پوءِ ساهتيءَ کي ڇڏي ڪري باقي لاڙڪاڻي،شڪارپور،سکر روهڙي ۽ ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ زالون ٻاهر گهٽ نڪرنديون هيون،پر هن مُلڪ جي آزاديءَ جي تحريڪ سڀ بندن ٽوڙي ڇڏيا.لڪي لڪيبہ اسين سرڪسن ۽ ميٽنگن ۾ شامل ٿيندا هئاسين،۽ جيئن ئي ڪنهن سوروير سنگراميءَ جي جيل وڃڻ جي خبر ڪنن تي پوندي هئي اُن ڏينهن ورت رکنداهئاسين. اسڪولن ۾ اهي آزاديءِ جون ڳالهيون ڪندا هئاسين، آزاديءَ جي موضوع تي گيت ۽ ناٽڪ بہ ڪنداهئاسين.راشٽر يہ ڪويدڪايل جا گيت تہ گهر گهر گونجندا هئا.

.مرنداسين مگر هند کي آزاد ڪنداسين،
سرسبز چمن هند جو آباد ڪنداسين،
نئين آهہ دنيا لاءِ اهنسا جي لڙائي ،
گانڌيءَ جا لڳائي،

# آزاديءَ جي هلچل ۾
# سنڌي استريءَ جي جاڳرتا

(سيتا سامتاڻي)

گيتا ۾ چيل آهي جڏهن دنيا ۾ پاپ ۽ اتياچار پرپل هوندو آهي تڏهن پرماتما نيڪ ۽ پوتر آتمائن کي جڳت جي ڪلياڻ واسطي موڪليندو آهي.دنيا ۾ اهڙي جڳهه ڪانهي،۽ اهڙو ڪو زمانو ڪونهي جنهن ۾ هن وٽندڙ نيم مهاتمائون پيدا نه ٿيا هجن.هلندڙ زماني ۾ ڏسون ٿا ته جڏهن مُلڪ ۾ ڪنين ڪُرسمن جي بازار گرم هئي.گهر گهر ۾ پٿر ۽ مٽيءَ جا ٺاڪُر موجود هئا.هڪ ايشور جي پوڄا بدران ،گهڻن ئي ديوين ديوتائن جي پوڄا گهر گهر جاري هئي،تڏهن پروهت ۽ خودغرض ماڻهو،ڀالن ڀولڻ هند ن کي ڦري رهيا هئا،هزارن وِدوائن کي جيئري زوريءَ سندن پتين جي چکيا تي جلايو ويندو هو. مطلب ته جڏهن هرڪنهن پاسي،اوندهه انڌڪارُ هو تڏهن هڪ اهڙي زبردست ۽ اعليٰ انسان جي ضرورت هئي،جو پهنجي لياقت ۽ قرباني ۽ اوناچ جيون دوارن خود غرض ماڻهن جا پول پڌرا ڪري ۽ ماڻهن کي سچي ڌرم جي روشني ڏيکاري گمراهيءَ کان بچائي. ايشور جي نيمن پٽاندڙ راجا رام موهن راءِ ميدان ۾ آيو.هن جدا جدا پولين ۽ ڌرمن جو تمام چڱيءَ طرح ابياسُ ڪيو ۽ پهنجي جان جوکي ۾ وجهي،انيڪ قسمن

رام تي ڏاڍو ڪاوڙجي هئي تہ هو نوڪري ڇڏي مهاتما جي جادوءَ ۾ ڇو اچي ويو آهي. پروفيسر ڳدواڻيءَ کيس چيو تہ مهاتما سان تون بہ ڳڏج. ڳنگا ڀيڻ چيو تہ مها تما ڳانڌي جڏهن مونکي ڳڏيو تہ چيائين تہ اسان جي غريب مُلڪ کي استري جاتيءَ جي مٽين جي ڳهرج آهي. تنهنڪري تون مون کي پهنجا مٽيا ضرور ڏئي. چيائين تہ مان تہ ڪاوڙجي پيس ۽ چيومنانس تہ اها تہ مهنجي ملڪيت آهي مان پهنجي پا رن لاءِ رکندس. مهاتماصبرڪري ويو هلي. پر مونکيتہ جادو وجهي ويو. مون ڳدوا ڻيءَ کي چيوتہ ها ڻ مونکي خبر پئي تہمهاتما ڪهڙو نہ چادوڳر آهي. مان نہ رڳو کيس مٽيا ڏيندس پر توسان ڳڏ هلچل ۾ بہ توکي پورو ساٿ ڏيندس. پوءِ مٽس ايترو تہ اثر ٿيس جو ڏهن ڏينهن جو چاول پار بہ پاڻ سان جيل ۾ وٺي وئي. ايترو کيس ديش لاءِ پيار جاڳيو.

ڪراچيءَ ۾ سنڌي نارين ڳُليو ڳُلائي انگريزن جي بغاوت ڪري، هڪ ڏينهن لاءِ ڪراچيءَ مان انگريزن جو راڄ ئي ختم ڪري ڇڏيو هو. اسين سنڌي نارين جي قربانين سان ڳڏ مُسلمان نارين جي دليريءَ کي بہ وساري نہ ٿا سگهون. اهڙين مُسلمان دلير نارين جي دليري ياد ڪرڻ جهڙي آهي. اهڙين مُسلمان دلير نارين ۾ ڳلزا بيگم اهم جاءِ والاري ٿي. ساڳئي نموني ڳنگا ديوي ڳدواڻي ۽ پارپتي ڳدواڻي ۽ بيون سوراج جي لڙائيءَ جون بهادر شيرڻيون هئيون. آچاريہ ڳدواڻي جيڪو ڳجرات قومي وديا پيٺ جو مکيہ آچار يہ ۽ پرنسيپال هو ڳنگا ديوي اُن

جي ڌرم پتني هئي ۽ پارٽي گڏوڏي آن جي ڀيڻ هئي مهاتما گانڌيءَ سان هنن جا گهرا تعلقات هئا. توپڻ مُکي، جيڪو ڪاچي سنڌي هو، اُن جي ڏيءَ ۽ زال به آزاديءَ جي يُڌ ۾ ٽپي پئيون، ۽ جيل ياترائون ڪيائون.

آچار يه ڪرپلاڻيءَ جي ڀيڻ جيڪا سنڌ ۾ ڪڪي ڀيڻ، جي نالي سان سڃاتي ويندي هئي، تنهن پهنجي ساٿي جيون ديش شيوا ۾ ارپڻ ڪئي، ڪڪي ڀيڻ لالواڻي وٺلا ٺتي ڪپڙي خلاف پيڪيٽنگ ڪرڻ جي ڏوهه ۾ جيل وئي.

ساهتيءَ جي سرمور سچانند ٿيرو مل ٿاواڻيءَ جي ،نهرن ۽ ڌيئرن، بهآزاديءَ جي هلچل ۾ جيل ياترائون ڪيون ۽ هر طرح جون سُور ۽ سختيون سهنديون رهيون. آچار يه ڪرپلاڻي بينگالڻ سُچيتا سان شادي ڪئي. سُچيتا پڻ آزاديءَ جي تحرڪ ۾ شرڪت ڪئي،هوءَ پڻ ديش شيوا جي ڪار يه ۾ رُڌل رهي هئي،سُچيتا ڪرپلا ڻيءَ آزاديءَ بعد(يو. پي) اُتر پرديش را جيه جي مکيه وزير پڻ بڻي .سُچيتا ڪانگريس سان ئي جُڙيل رهي.هوءَ اندرا ڪانگريس جي پر مُکه پڻ بڻي،سياسي مخالفت هوندي به هئي پتي پتني ساز سلوڪ سان هلندا هئا.

شريمتي موهني لالچند جي شيوائن ڪي به سنڌ ڪڏهن وساري نه ٿي سگهي.١٩٤٢ع ۾ انگريزن خلاف بغاوت ڪرڻ ۽ پرچار ڪرڻ جي ڏوهه ۾ هن ڪي جيل جي حوالات ۾ بند ڪيو ويو.

شريمتي رڪمڻي ديوي اصلُ شڪارپور جي رهاڪو هئي. هوءَ انقلابي جوالا هئي. سرسوتي ديوي ڳايڪا هئي ۽ هن قومي سنگيت سان لوڪن کي اُتساهه ۽ اُمنگ ڏياريو. هن جي قومي گيتن جو آلاپ سنڌ جي گهٽين ۾ اڄ به گونجندو رهيو آهي.

شريمتي پارپتي لالواڻيءَ لوڻ جي ستياگرهه وقت زالن جي جلوس جي اڳواڻي ڪئي. هن کي ڪيترا ئي ڀيرا جيل جي سيخن پُٺيان ڌڪيو ويو.

شريمتي مور ٻائي، شريمتي مهربانو، ڪملا ٽوپڻ مُکي، شانتا ٽوپڻ مُکي، ڀيڻ گومي ٻائي، دادي اُتي ٻائي، گلي سدارنگاڻي، ستي ڪشنچند ميلواڻي، لڇمي ٻائي، ستي ديوي واسواڻي، ديوي هاسومل وغيره وغيره، انيڪ ناريون آهن جن آزاديءَ صدقي گهر گهر وڃي کاديءَ جو پرچار ڪيو، جلسن جي رهنمائي ڪئي، شاگردن ۾ روح ڦوڪيو ۽ جيل جون ياترائون ڪيائون.

ڀيڻ لڇمي ديوي ٻي هڪ بهادر شڪارپوري ڀيڻ هئي جنهن کي ١٩٣٢ع جي سول نافرماني تحرڪ ۾ گهٽي ۾ گهٽي سزا ادائي سال مليي ڪورٽ مان نڪرڻ بعد هن کان پُڇا ڪرڻ تي لاڻاني همٿ سان هن چيو ته ادائي منٿ سزا ملي آهي، پيون مکيه ڀينر جن جدا جدا تحرڪن ۾ ڀاڱ ورتو تن ۾ هئي ڪماري جيٺي سپاهيملاڻي جنهن پهنجو سڄو جيون ديش صدقي قربان ڪري ڇڏيو. هن جو جنم حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو.

ڪاليج ۾ هوءَ آزاد خيالن واري ڇوڪري مڃي ويندي هئي.جڏهن انگلينڊ مان سائمن ڪميشن ڪانگريسي ڏر جي ميمبرن سان ڳالهيون ڪرڻ آئي ۽ ڪانگريس اُن ڪميشن جو بهشڪار ڪرڻ جو اعلان ڪيو تڏهن ڄيٺي ڀيڻ ڪاليجي ڇوڪرن ڇوڪرين جي سرگس وٺي ڪانئن اُن ساڳئي رستي تي،جتان جتان سائمن پهنجا ساٿي وٺي لنگهڻو هو،نعرا هڻارايائين،سائمن تون موٽي وڃ، سائمن يو گوبئڪ! ١٩٢٩ع ۾ هن ڪاليجي تعليم پوري ڪئي ۽ زور شور سان آزاديءَ جي جنگ ۾ گهڙي پئي! ڪيترا ڀيرا تہ هن کي جيل بہ وڃڻو پيو،جيل مان نڪرڻ بعد هن شاگردن ۽ زالن ۾ ڪمُ ڪرڻُ شروع ڪيو ۽ منجهن جاڳرتا آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين.هوءَ ميٽنگون سڏائي ڀاشڻ ڏيندي هئي ۽ ماڻهن کي ديش ڀڳتيءَ جي سکيا ڏيندي هئي.ان ڪري ڪيس وري ١٩٣٢ع ۾ گرفتار ڪيو ويو.

جڏهن ١٩٤٢ع ۾ ڪئٽ انڊيا (ڀارت ڇوڙو) جي هلچل هلي تڏهن سرگرم هئڻ ڪري هن کي اڍائي سالن تائين نظربند ڪيو ويو.

ڄيٺي ڀيڻ صرف آزاديءَ جي هلچل ۾ نہ پر ٻين ڪيترن ۾ پڻ ڪمُ ڪري ديش ۽ سماج جي شيوا ڪندي رهندي هئي. هوءَ ڪراچيءَ جي ميونسپل چونڊن ۾ بيٺي ۽ کٽيائين.ڪيس ميونسپل اسڪول بورڊ جي ميمبر ڪري پڻ چونڊيو ويو.

شري جمشيد نسرواجي مهتا سماج شيوڪ هو،هو ڪراچي

ميونسپل ڪارپوريشن جو چيئرمين پڻ هو.هن سان گڏ پيڻ چيٺي سول اسپتال ۾ وڃي ڪري مريضن جي شيوا ڪندي هئي.هوءَ غريبن جي بستين ۾ وڃي اُنهن جي صفائي سُٺائيءَ ۽ ڪاڌي جو خيال رکندي هئي.

دادا شيوڪ يوچراج ڪيس ٻالڪن جي ٻاريءَ ۾ دلچسپي وٺڻ لاءِ چيو.چيٺي پيڻ سنڌ جي هڪ شهر ۾ ٻالڪن جي ٻاري قائم ڪرڻ ۾ دادا شيوڪ کي مدد ڪئي. ۽ پاڻ ڪراچيءَ جي ٻالڪن جي ٻاريءَ جي پريزيڊنٽ هئي.

مهاتما گانديءَ جي سڏ تي هن کاڌيءَ جي ڪپڙي جو پرچار ڪيو ۽ ڪراچيءَ جي کاڌي کاتي واري ايراضيءَ ۾ کاڌي ڀنڊارُ کوليائين.هوءَ پهنجي ڪلهن تي کاڌيءَ جا تاڪيا کڻي گهر گهر کاڌي وڪڻڻ ويندي هئي.

١٩٣٧ع ۾ سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان الڳ ڪري جدا پرانت بڻايو ويو. انڪري سنڌ کي پهنجي اسيمبلي ملي.ڪراچيءَ جي استرين لاءِ هڪ جڳهه محفوظ رکي وئي چيٺي پيڻ اها جڳهه کٽي. اسيمبليءَ ۾ بردباري ۽حوصلي منديءَ سان ڪمُ ڪيائين. جنهن ڪري چڱو ڏاڪو ڪمايائين. اسيمبليءَ ۾ گهڻائي مُسلمانن جي هئي،پر اُنهن کي به چيٺي پيڻ جو گهڻو قدُر هو،جنهن ڪري هوءَ يڪراءِ اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر بڻي.چيٺي پيڻ ۾ همٿ،حوصلو ۽ هوشياري اهي ٽيئي گڻ هئا. انڪري سنڌي هندو جهڙوڪ ڀائي پرتاپ ۽ سنڌي مُسلمان جهڙوڪ جي. ايم. سيد توڙي

پارسي جمشيد مهتا ٽيئي ڪيس مردن جو مٽُ سماجهند ي سندس ساٿُ ڏيندا هئا ۽ ٽيئي سندس گهرا دوست هئا.جن سان هوءَ هيڪ بنا دوستيءَ جو ونهوار ڪندي هئي.

۱۹۴۷ع ۾ ديش جو ورهاڱو ٿيو.ورهاڱي بعد هن بمبئي اچي پهنجو نو اسُ ڪيو.اُتي پڻ سندس گڻن ۽ لياقت جو قدُر ٿيو ۽ ڪيس بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جي ڊپٽي چيئرمن چونڊيو ويو، جنهن پد تي هوءَ ۱۹۶۲ع تائين رهي.

ورهاڱي بعد سنڌين کي اجهي لاءِ پٽڪندو ڏسي هن جايون ٺهرائڻ جو ڪمُ شروع ڪيو.مهيم ۾ نوجيون ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ وارا گهر ٺاهيا.اُن بعد ليمنگٽن روڊ تي نوجيون سُوسايٽي برپا ڪيائين.ائين هن هڪ هزار اٺ سئو کن گهر ٺهرايا. هن جون ٺهرايل سوُسائٽيون ٻين سوسا ئٽين کان صفا نراليون آهن،چاڪاڻ مٿين سوسائٽين ۾ ماڻهن جي گهرجن جو خيال رکي هر هڪ سوساوٽيءَ اندر ،مندر، بئنڪ،پوسٽ آفيس اسڪول،پبلڪ هال،پارڪ ۽ هيلٿ سينٽر ٺهيل آهي ۽ هرهڪ سوسائٽيءَ ٻاهران بس اسٽاپ آهي.

چيٽي ٻين ڊارمڪ ويچارن واري هئي،ننڍي هوندي کان ئي گهر جي ماحول انوسار هوءَ جپ صاحب ۽ سکمنيءَ جو پاٺ ڪندي هئي.چيٽي سچي يوڳٽي هئي،يوڳڏيانڪري ٿي چوان جو هن وواهُ ڪين ڪيو هو. پهنجي هڪ پريوار سنڀالڻ بدران هن ديش و اسين جي ڪٽنمبن جي جي شيوا ۾ پهنجو جيون ارپڻ ڪيو.

ڪملا ڀيڻ هيرانند ته جيڪي پنهنجون ڳالهيون مونکي ٻڌائيندي آهي ته مان ته ڪيس عزت سان نمسڪار ڪندي آهيان. جڏهن وديشي ڪپڙي جو بهشڪار ڪنديون هئيون، ڀيڻ ڪملا ته جي ٻڌندي هئي ته ولائتي ڪپڙو رات جو لڪ چوريءَ ۾ دڪان تي ايندو آهي ته سڄيون سڄيون راتيون اڪيلي سر دڪان جي ٻاهران سُمهي پوندي هئي، جيئن رات جو ولائتي ڪپڙو دڪان تي نه پهچي. ولائتي شراب جا دڪان به بند ڪرائي سگهندي هئي. هنن اسان جي ڀينرن پوليس جا چهبُڪ کاڌا، جيلن جا درد سٺا، پر پنهنجي فرض ادائيءَ کان نه گُسيون.

ڪانگريس جي چونڊن وقت ڪيس ٻيءَ ڌر جا ڪم ڪندڙ ڌڪا ڌوڏا ڏيئي پرچار جو ڪم ڪين نه ڪرڻ ڏيندا هئا، پر هيءَ اسان جون پياريون ڀينر ڪنهن به تڪليف ۾ مار ڪٽ جو ڊپُ نه ڪري چونڊن جي وقت سرڪار جي برخلاف تحرڪ هلائڻ کان نه ڊڄنديون هيون.

مهاتما گنڌيءَ جي پوءِ واري ڪندي، جيڪا ڀيڻ ڪملا همٿ ڏيکاري سا عجب ۾ وجهندڙ هئي ته سنڌي ڀينر به اهڙيون بهادر ٿي سگهن ٿيون. آزاديءَ جي تحرڪ ۾ تمام سرگرم رهي، سنڌ جي زالن ۾ تمام سُڄاڳي آندي. هوءَ آزاديءَ جي اُپاسڪا سان گڏ ليکڪا پڻ هئي. هن سماجڪ سُڌارن ۽ آزاديءَ بابت ڪافي ليک لکيا ۽ اڄ ڏينهن تائين لکندي رهي آهي. جن ڪافي شهرت حاصلُ ڪئي آهي.

هڪ ڀيڻ اسانجي ٺاڪري جگتياڻي به هئي ورها ڱي کان اڳ هوءَ آزاديءَ جي هلچل ۾ بهرو وٺندي هئي ۽ خاص طرح

# آزاديءَ جي هلچل
# کي يادگيريون......

(شريمتي سدوري اڳناڻي)

اسان جي ديش جي آزاديءَ جي لڙائي ڪافي پُراڻي هئي. مونکي ڪي يا دگيريون آهن تہ ڪيئن، اسان ١٩٤٢ع ۾ ڀارت ڇوڙيو، جي آندولن ۾ ڀاڱ ورتو. مون مئٽرڪ ۾ داخلا ورتي هئي. اُن کان پهرين اسڪول جي ڏينهن ۾ بہ ڪن نرم ڏر جي ڪانگريسين سان منهنجو اچڻ وڃڻ هو. اسين دادي ديوي واسواڻيءَ (جيڪا هندستان اخبار جي ايڊيٽر دادا ميلارام واسواڻيءَ جي زال هئي) جي گهر هندي ڪلاس ۾ ويندا هئا سين اُتي گهڻا ليڊر بہ گڏجندا هئا. مان پهنجي چاچي سان گڏ سنڌ اسٽوڊنٽ يونين ۾ بہ ويندي هئس اُتي جيڪي هئا سي گرم ڌر جا ڪميونسٽ هوندا هئا. جيڪي گهڻو ڪري روس جا حمايتي هئا. پر مونکي گانڌي وادي پسند هئا.

٩ آگسٽ جي صبوح جو مان جڏهن ڪاليج ويس، تہ هنگامو ڏٺم. اندر ڪاليج ۾ گهڙڻ ئي نہ ڏين ڇو جو اُنهن ڏينهن اسان جا سڀُ ليڊر، مهاتما گانڌي وغيره پڪڙيا ويا هئا. اُنهن ڏينهن ۾ گهڻا ماڻهو اَخبار ڪون وٺندا هئا. سنڌن گهرن ۾ ريڊيو پڻ گهٽ وڌ هوندا هئا، پوءِ ڪا نئين خبر پوي تہ ڪيئن پوي؟ اسان سڀ ڇوڪريون بہ دادي ديويءَ جي گهر پڳيونسين، رستي ۾ گرُ سنگت جي سامهون، هندستان اخبار جي آفيس هئي. اُتي بہ

پڻ هفتن کانپوءِ هڪ جلوس جي اڳواني ڪندي پڪڙي ويس جلوس جي اڳواني ڪندي ڪو بہ پوليس جو ما ٺهو مون کان جهنڊو نہ ڦري سگهندو هو،جو مان پوري جهنڊي ۾ ٽانچليون لڳائي ڇڏيندي هيس.تنهنڪري جيڪو جهنڊو ڦرڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ اُهي پنيون چپنديون هيس۽ ڦري نہ سگهندو هو. اهڙي نموني مان وري ٽيون ڀيرو بہ ڇهہ هفتا جيل ۾ ويس. جيل جا اڌڪاري بہ هندستاني هئا ۽ ايترو اسانکي تنگ نہ ڪندا هئا. اسين پاڻ ۾ ڪافي گهٽيون ليڊيز هيونسين،ڪاڇهہ گجراتي زالون بہ اسان سان گڏ هونديون هيون. ٢١ جنوريءَ تي هيمون ڪالاڻيءَ کي ڦاسي ڏني وئي، انڪري ماڻهن ۾ ڏا ڍو جوش پريل هو.

پاڇا ڙيءَ جو ٢٦ جنوريءَ ١٩٤٢ع تي هڪُ وڏو جلوس نڪتو،جنهن ۾ سونِ ۾ ڇوڪرا ڇوڪريون هئا،سيني کي پڪڙيو ويو.سيني کي چار چار مهينا جيل جي سزا ملي، جيل تہ ڀهريائين ڀريا پيا هئا،جڳهہ تہ هئي ڪان.بائونڊري لائين جي اندر ٽينٽ لڳائي رکيو ويو.پڻ ٽن ڏينهن کانپوءِ اسان مان اٽڪل ٥٠ ليڊيز کي مسکر ۾ هرن جي جيل ۾ موڪليو ويو. هرن جي جيل ۾ ڪي بہ ڪرمنل ، خطرناڪ ڏوهاري ڪون هيون. اسان ليڊيز لاءِ الگ هڪ وارڊ هو، باقي ساڄي جيل ۾ هر قيد هئا.ا سان کان اڳ ۾ اُتي ڪاڇهہ زالون ڀهريائين هئيون.اُهو جيل هرن لاءِ نئون ٺهيو هو.اُتي جا اڌ ڪاري تمام سُٺا هئا انڪري ڪا بہ تڪليف ڪان ڏنائون، ايتري قدُار

جيڪي ڪاڄھ ڳھربو ھو تہ ملي ويندو ھو. انڪري ھڪ جيلر مسٽر ٽيڪاچند تي ٻاچا ٻاچا بہ ٿي، تہ اندر شيون ڪئين ٿيون پھچن ٢٢ مئي ١٩٤٣ع تي اسان جي سزا پوري ٿي. تنھن وچ ۾ ليڊرن سان صلاح جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون ھئيون ۽ سڀ ڪاڄھ بند ھو. ڪڏھن ميٽنگون ٿينديون ھيون ۽ خاص ڏينھن تي جلوس نڪرندا ھئا تہ اُ تي وڃبو ھو.

١٩٤٤ع ۾ مھنجي شادي مسٽر واڌو مل مولچند اگناڻيءَ سان ٿي. ھو بہ ھڪ فريڊم فائيٽر ھو ۽ ١١مھينا ڪراچي جيل ۾ سڪيورٽي پرزنر تي رھيو ھو. انڪانپوءِ اسانجو ھڪ گروپ ھوندو ھو جنھن جو اڳوان تيرٿ سنياڻي ھو. ان گروپ جو نالو ھو، خاڪسار، انھيءَ ۾ رَوَ جي گٽو تو انالي ھڪ ڳجراتي ۽ درگيش ڪر بہ ھوندا ھئا. اسان سڀ گڏجي ڪمُ ڪندا ھئاسين. ھريجن ڪالونيءَ ۾ وڃي صفائي ڪرائڻ، اُن ڪالونيءَ وارن کي پڙھائڻ، اسپتالن ۾ ڪن جي مدد ڪرڻ، اھي اسان جا ڪم ھئا.

١٠ مئي ١٩٤٦ع تي ڪراچي پوسٽ آفيس ۾ ڌاڙو لڳو ھو. اھو ڪمُ گرم ڌر وارن جو ھو، جن جو خيال ھو تہ پئسو گڏ ڪري، بم وغيره ٺھي ڪري، دھشت ڦھلائجي. اُنھي ڏينھن مان پھنجي مائٽن جي گھر آئوٽرام روڊ تي ھيس، جو مھنجي پھرين ٻٽ جو ديھانت ٿيو ھو. ٻئي ڏينھن تي اسانجي گروپ جا ڪي ماڻھو آيا، چيائون توھان جو گھر جيڪو لارينس روڊ تي آھي، توھان اُنھن کي اُتي پناھ ڏيو. پوليس کي توھان ۾ ڪو بہ شڪ ڪون پوندو، پرچو وديارٿي، مُرلي

رائسنگھاڻي.نند چيتارام ۽ هڪُ پيو. اسان جي اُن گھر ۾ رهيا.

ڏاڙي وارا اسي هزار رُپيا بہ هڪ ٻوتريءَ ۾ وجهي کڻي آيا.پن مهينن کانپوءِ اُهي اسي هزار هڪ وهاڻي ۾ لڪائي مونکي سکر ۾ ليوُکس پارڪ وٽ ڪنهن کي پهچائڻا پيا.پوءِ هو اسان جي گھران ويا.پر اُنهن جون سرگرميون هلنديون آيون.مئي ١٩٤٧ع تي هنن هڪ رٿ ٺاهي تہ خزاني سان پريل جيڪا گاڏي لنگهي تي.اُن کي ڦرجي.هنن هڪ ٽئڪسي ڪئي ۽ رستي کان ڪراچيءَ و يندي ملير وٽ اُن ٽئڪسيءَواري تي گولي هلائي ٽئڪسي ڦري آڳيان ويا پر گاڏي نڪري وئي هئي.ٽئڪسيءَ واري کي زخمي حالت ۾ ڪن ماڻهن اسپتال پهچايو جنهن مان پوليس کي خبر پئي.چاڪاڻ جو مهنجو گھر لارنس روڊ تي هو مُرلي ۽ نند اُهي رت پريل ڪپڙا ۽ پستول مهنجي گھر رکي ويا.رات جو هڪُ ماڻهو آيو ۽ پستول کڻي ويو.اُنهيءَ ڏينهن پُليس جي ڦرڦوٽ ۾ مهنجي ما ئٽن جي گھر جي تلاشي ٿي،مهنجو گھوٽ جو سنڌ اَبزرور ۾ رپوٽر هو،سو اُتي پهتو ۽ مهنجي ياءُ کي موڪليائين تہ مونکي خبرڪري تہ هو ديرسان گھر ايندو.مهنجو ياءُ آيو تہ مون کيس رتُ وارا ڪپڙا ڏنا ۽ چيومانس تہ ڪٽي بہ اُندهہ ۾ ڦٽا ڪر،مهنجي گھوٽ کي انهيءَ ڳالهہ جي ڪا خبر ڪان هئي.جڏهن گھر آيو تہ مون هن کي ٻڌايو.مهنجو وڏو ياءُ تہ اُن کانپوءِ پوليس جي نظرن کان گم تي ويو،پر

ڪري پاڪستان ڇڏي آئي هئي، مُسلمان پوليس وارا مهنجي گهوٽ کي ايئرپورٽ تي سڃاڻي نہ سگهيا. انڪري ڪيس نڪرڻ ۾ سولائي ٿي.

مهنجو ڀاءُ کانچند گوپالداس ڀين سان گڏ ڪراچي جيل ۾ هو. اُنهن سيني کي ڦاسيءَ جي سزا ٻڌائي وئي. هيڏانهن پاڪستان جو ڊاڪٽر قريشي ڀارت ۾ قيدُ هو. اُنهن کي ڇڏائڻ لاءِ قيدين جي مٽا سٽا ۾ پوءِ خيرپور ۾ آزاد ٿيو.

اهڙي نموني اسان هن آندولن ۾ ڀاڱ ورتو. هاڻي اسين ته اڇي پهتا آهيون. پينر توهان جي ڪلهن تي بار آهي، ڀارت کي مهان بڻائڻ جو، ديش جي دُشمنن سان لڙندا ۽ ڀارت کي دنيا ۾ مهان بڻائيندا.

جئہ هند!

# سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل

(شريمتي لڪشمي گوپ سِڌوا)

آزاديءَ جي هير،
توکي ڪندي سڌير،
تون تہ ساجهر پاڻ سنڀار!

راشٽر ڪوي دڪايل جي هن گيت سنڌ جي نوجوانن ۾ نئين جاڳرتا ديش پريم ۽ قربانيءَ جو جذبو پيدا ڪيو. پائرن سان گڏ پينر بہ نڪري نروار ٿيو انهن مان مونکي بہ آزاديءَ جي آندولن ۾ پرويش ڪرڻ جو سوڀ ڀاڳ پراپت ٿيو. آندولن جا ڪئي دل سوز نظارا منهنجي دل تي تري اچن ٿا.

ڀاءُ نرمل جيوتاڻيءَ سان مهنجو گهرو ناتو هو،هو شائر هو ڀين ڪيترن سان جيل ياترائون ڪيائين. اسين هن جا شعر پربات ڦرين ۽ سرگسن ۾ اُمنگن سان ڳائيندا هئاسين.نرمل جيل جي جون سختيون ڀوڳيون ۽ هيءَ آزاديءَ جو پروانو اسانکان هميشه هميشه لاءِ جدا ٿي ويو. وچڙ کان هڪُ ڏينهن اڳ گيت لکيائين.

زندگي اَ لائي چاهي انجي پڇاڻ ناهي،
ان لاءِ ائين جڳائي، مڪ سان وچون نيائي،
ڪنڌڙا پري هٿايون اڳتي قدم وڌايون!

نرمل جي ارٿيءَ کي ساڄي حيدرآباد ۾ پرڪرما ڏياري، آزاديءَ جا نعرا هٽي شمشان ڀومي ءِ ۾ آندو ويو،مون بہ کيس گيت ۾ شر ڌانجلي ڏني .آزاديءَ جو هڪُ ٻيو پروانو

ڪمايو ويا چاريون ڪيا ڇا پاپڙ ڪاڇريون وڙيون ۽ مصالح ڪٽي، ٽيلهيون ڪلهن تي ڪٽي ڳاڏين ۾ چڙهي ڳهرن ڳهٽين مندرن ۽ ٽڪاڻن ۾ و ڃي پهنجو مال وڪرو ڪري پهنجو ۽ پهنجي ابهم ٻاڇن جو پالڻ پوشڻ ڪرڻ لڳيون. ڪين ائين ڪرڻ سان مهٽو ڪون لڳندو هو چونديون هيون. پنڻ کان پيهڻُ ڀلو.

جن سنڌين ڪئمپن ۾ رهي نرڳ جي زندگي گذاري تن دادي ڇيٺي سپا هيملاٽي طرفان ٺهرا ايل سوسائٽين ۾ رهي سک جو ساهُ کنيو. ڀائي ڪشنچند شهاڻي ٻه پنتي ڪين رهيو. سنڌين وڏن شهرن خاص ڪري بمبئي ۾ اسڪول ڪاليج کوليا، جسلوڪ ۽ هندوجا جهڙيون اسپتالون ٺهرايون. مطلب ته سنڌين رتُ ستُ ڏيئي محنت ڪري پاڻ سان ۽ ديش سان ڀال ڀلايا.

اڄ اسان کي مهاتما گانڌِي ۽ ٻين اڳوائن جي ياد اچي ٿي. شال سندن اصولن جي روشني ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي! شال سندن نور جي روشني، سندن جو ت راهه ڏيکاري ۽ اسان ڀارتواسين کي اهڙي شڪتي پردان ڪري جو اسين سچ ۽ اهنسا جا پانديڙا بڻجي آزاديءَ کي برقرار رکڻ ۾ لاپرواهه نه ٿيون. چو ته : آزاديءَ جي قيمت آهي دائمي سجاڳي! شال اهو ڳيت هميشه ڳائيندا رهون :وجئي وشو ترنگا پيارا ،

جهنڊا اوچا رهي همارا،
چاهي جان ڀلي هي جائي،
وشو وجئه ڪرڪي دکلائي
تب هووي پرڻ پورڻ همارا!
جئي هند !

# ڪلا، ساهتيہ، ميڊيا ۽ ٻين کيترن ۾ سنڌي ڀينرن جو يوگدان

(شالني ساگر)

اڄ هن قومي سيمينار ۾ آزاديءَ جي هلچل ۾ سنڌي ڀينرن جي يوگدان موضوع تي پنهنجي بزرگ ڀينرن ۽ ٻين ساٿين جي زباني ٻُڌوسين تہ ڀارت انگريزن جي غلاميءَ مان ڪيئن آزاد ٿيو. ڪهڙيون قربانيون اِنهن ڀينرن ڏنيون. اسان آزاديءَ جي سوُرڻ جينتي ملاهئي رهيا آهيون. مان پاڻ کي خوش نصيب ڀائنيان ٿي جو مان آزاد ڀارت جي نياڻي آهيان. آزاديءَ کانپوءِ جمهوريت جي راهہ تي ڀارت اڳتي ۽ اڳتي وڌي رهيو آهي. سڄي دنيا ۾ ڀارت کي هڪ مضبوط جمهوريت جي روپ ۾ سُڃاتو وڃي ٿو. آزادي ۽ جمهوريت جن جي صدقي اسان کي نصيب ٿي، تن جي جدوجهد کي سلام ڪريون ٿا. جن مختلف روپن ۾ پنهنجون قربانيون ڏنيون. ڪن پنهنجي سپوتن کي ديش تي قربان ٿيڻ لاءِ پريرتا ڏني، تہ ڪن عورتن خود پنهنجي ڦوُهہ جوانيءَ ۾ آزاديءَ جو سڏ اونائي، آزاديءَ جي ويڙهہ ۾ ٽپي پيون. چندر شيکر آزاد، شهيد ڀڳت سنگهہ، سُکديو، راج گروُ ۽ هيمون ڪالاڻيءَ ديش صدقي پنهنجي جان جي آهوتي ڏئي شهادت جو جام پيتو. انهن سپوتن ۽ سندن ماتائن کي عقيدت پيش ڪندي، مان اُنهن عظيم عورتن اڳيان سيسُ نوائيان ٿي.

اُهي مائرِ پلي مرڪن جي ٻاروتڻ ۾ لولي ڏين

جن مائرن پنهنجي ٻارڙن کي ديش سيوا جي لولي ڏيندي بهادريءَ جي سُتي پِياري اُنهن کي پلا اسان ڪيئن ٽا وساري سگهون؟ڪيئن ٽا وساري سگهون ماتا چيتي ٻائي کي جنهن هيمون ڪالاڻيءَ جهڙي وطن دوست کي جنم ڏنو. جنهن سپوت جنني جنم ڀومي ڀارت ماتا جي خاطر سوريءَ کي سينگار سمجهيو. سوري آ سينگار اصلُ عاشقن جو.....

ڪر ڪٽا لاهي، مڪ نہ مٽا ڪڏهين،

ڪاهوڙين آهي، او سيئڙو ڪنهن پنڌ جو (شاھ)

ننڍا وڏا ٻار ٻُڍا،عورتون، مرد، جوان،سڀئي آزاديءَ جي هلچل ۾ نڪري نروار ٿيا،جيلن جون سزائون ڪاٽيائون،لٺين سان پنهنجا مٿا ڦاڙايا، مطلب تہ هر هڪ، ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ پنهنجو بليدان ڏنو.ڪن وِديشي ڪپڙن جو بهشڪار ڪيو،تہ ڪن ستيا گرهہ ڪيو.ان هلچل ۾ ڏات ڌڻين، ڪلاڪارن جو بہ وڏو يوگدان رهيو آهي. ليڪڪن ،شائرن پنهنجي قلم ذريعي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ تلوار کان و ڌيڪ طاقتور قلم آهي.دادا هوندراج دکايل پنهنجي گيتن ذريعي آزاديءَ جي هلچل لاءِ روح ڦوڪيو.

دکايل ديش جي الفت نہ نڪري مهنجي سيني مان

اچي آزاد گيءَ جي عطر جي خوشبوءُ پسيني مان

(دکايل)

دادا دکايل جا گيت هر هڪ جي زبان تي هوندا هئا. مان پاڻ

کي خوش قسمت ٿي پانيان جو مونکي نہ صرف دادا دکايل سان ملڻ، پر اُنهن جون رچنائون ۽ سُهٽا قول ٻڌڻ جو شرف عطا ٿيو آهي.

گذريل ٻن ڏهاڪن کان جيئن ته مهنجو واسطو ايلڪٽرانڪ ميڊيا سان رهيو آهي. مونکي ڪيترين ئي بزرگ عورتن، ليکڪن ۽ ڪلاڪارن کي ٻُڌڻ جو ،ڏسڻ جو ۽ اُنهن جي ادب پڙهڻ جو بہ موقعو مليو. جن نہ صرف پهنجي جاتي ۽ لاءِ بلڪ قومي واڌاري ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ورهاڱي کري اسان ڇڙ وڇڙ ٿي ويا آهيون. ڀارت جي الڳ الڳ صوبن جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ رهڻ ڪري ڪيتريون ئي اهڙيون ڀينر آهن جن جي فن ، فڪر ۽ قربانين کان اسين پوريءَ طرح واقف نہ آهيون. وري به مارئيءَ ا ڄ اين.سي.پي. ايس. ايل جي سهڪار سان هن قومي سيمينار منعقد ڪرڻ ذريعي ڪاجهه ڀينرن جي قربانين، اُنهن جي فن ۽ ديش جي لاءِ ڪيل خدمتن کي ياد ڪيو آهي.

وقت ۽ مقالي جي محدودگين جي مدي نظر سيني ڀينرن جا نالا شامل ڪرڻ ممڪن نہ آهن، انهيءَ جي باوجود ڪن شخصيتن جو ذڪر ڪرڻ نهايت ضروري آهي. جيئن تہ مونکي صرف ڪلچر جي کيتر ۾ يوگدان لاءِ چيو ويو، پر پوءِ ڪن ٻين پهلوئن تي پڻ روشني وجهڻ لاءِ چيو ويو آهي

آزاديءَ جي هلچل جي باري ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، انهيءَ جي باوجود، مُلڪ جي واڌاري لاءِ مختلف کيترن ۾ جيڪي

عورتون ڪمُ ڪري رهيون آهن ،تن جو ذڪر ڪرڻُ لازمِي ٿيندو. اڄ سنڌي عورت نہ صرف تعليم، علم، ادب،ڪلا، سنگيت، نرتيہ،ناٽڪ،۽ جديد دور ۾ اِليڪٽرانڪ ميڊيا وغيرهہ جي ڪيترن ۾ محدود وجهہ ۽ پليٽفارم هئڻ جي باوجود وڏوڪردارادا ڪري رهي آهي. تعليم جي ڪيتر ۾ ميران اِيڊ يوڪيشن ذريعي ما هري ديوي.پي.واسواڻي جوورها ڳئي ڪان اڳ حيدرآباد سنڌ ۾ ئي ساڌو ٽي.ايل. واسواڻيءَ جي آشريواد سان پنهنجن سيوائن ذريعي وڏو يوڳدان ڪيو آهي.غريبن دين دکين جي شيوا جيو ديا ۽ ٻين ڪارين ڪري اُنهن جي شيوائن ڪي وساري نہ ٿو سگهجي. مارئي طرفان دادي ڄيٺي سپاهيملاڻيءَ تي١٩-٢٠ مارچ ١٩٩٤ع ڪيل قومي سيمينار ۾ سندن ويچار ۽ تاريخي ڳالهيون ٻڌي ماضيءَ جي تاريخي بابن جي ڄاڻ پئي. اگر ان طرح جي شخصيتن جي خذمتن ۽ ڪردار جوذڪر ڪريان تہ اڻکٽ سلسلو ۽ تاريخي دستاويز بڻجي پوي.مقالي جي وقت ۽ محدودگين جي باوجود ڪن ڪيترن جو ذڪر ڪرڻ لازمي ٿيندو.

ڪيتريون اهڙيون بيشمار ٻيئر آهن ،جيڪي مُشڪلاتن جي باوجود،پهنجي محنت ،لگن ۽ جستجو ڪري اڄ اُن درجي تي پهتيون آهن،جنهن تي اسانجو سماڄ فخر ڪري سگهي ٿو. انهيءَ جو باوجود اسان کي ان سچائيءَ کان اک ٻوٽ نہ ڪرڻ گهرجي تہ اڄ سنڌي عورت ،سماڄ جي ٻين عورتن جيان ،گهريلو مسئلن،دفتر ۾ پُرش ڪم ڪندڙن جي

وهنوار ۽ پين پريشانين ۽ مُشڪلاتن جي باوجود، اڪيلي وڏڻ جي تمنا ڪندي، گهر گهاٽ، گڏيل ڪٽنب جي دشوارين يا گڏيل ڪٽنب جي ٽٽڻ ڪري، اڪيلي سِر گهر بار سنڀالڻ گڏوگڏ نوڪري پنهنجي شونق ۽ ڪلا ذريعي مُلڪ جي واڌاري ۾ جيڪو گوناگون ڪردار ادا ڪري رهي آهي، پيئرن جي ان ڪردار کي نظر انداز نہ ٿا ڪري سگهون. مٿان وڌندڙ مهانگائي ۽ مالي دٻاون جا بوجهہ. سماج طرف پنهنجي جو ابداري نڀائڻ لاءِ ڪڏهن هوءِ پوڳي ٿي ڪڏهن ماٽي ٿي. ايشور عورت کي وڏي شڪتي ڏني آهي. پٽائي گهوٽ عورت جي ڪردار کي اهڙي سُهٽي نموني چٽيو آهي، جو اُن جي شاخصيت جا مختلف پهلو اُڀري اچن ٿا. لطيف سائين پنهنجي سورمين واتان، سماج جي ونهوار دک درد، وطن جي حُب ۽ قربانيءَ جي جذبي کي چٽيو آهي.

آءٌ ڪيئن ڇڏيان سومرا، تن پنهوارن پچار،
جڙ جنهين جي جان ۾، لڳي ريءَ لوهار
ميخون محبت سنديون، هنئڙي منجهہ هزار،
پڪاءِ پنوهار، ڏٺي مون ڏينهن ٿيا

(شاهہ)

پيو تہ پيو لطيف سائين پنهنجو پاڻ کي عورت جيان اظهار جو وسيلو بڻايو آهي. چون ٿا اديُون شاهہ لطيف چوي پيئنر شاهہ لطيف چوي، ادا ڪري ڪون مخاطب ٿيا آهن. وطن سان پيار ۽ عورت جي قربانيءَ جي جذبي کي پنهنجي بيتن ذريعي

ڪيو ويو آهي. ان ڪانپوءِ اگر نظر ڊوڙائيون تہ و ڏي تعداد ۾ ليکڪائن جو طبقو اڀريل آيو آهي. ناٽڪن لکڻ ۾ دادي گوپي موتو اڻي وڏي عرصي کان پاڻ موکيو آهي، نرتيہ ناٽڪا ۽ ساهتيہ ۾ ريٽا شهاڻي تعليم ۽ ادب ۾ اندرو اسوٽي، ڪملا گوڪلاڻي پروفيسر ايشوري جوتو اڻي، ڊاڪٽر سُشيلا موتو اڻي، ڊاڪٽر يشوڌرا واڌو اڻي ۽ وينا شرنگي جنهن نہ صرف ڪهاڻيون ۽ سنڌ تي سفرناما لکيا پر سوشل ڪلچرل ۽ لٽرري تنظيم **مارئي** ذريعي سنڌيت جي هلچل ۾ سرگرم طور رڌل آهي، جنهن ڪافلي ۾ ڪيترين ڀينر شامل ٿي وئيون آهن. اڄ وڏي تعداد ۾ مارئي جي منچ تي ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هن قومي سيمينار ۾ گڏ ٿيڻ ان جو زندهہ مثال آهي. ان کان اڳ سنڌ جي **صوفي درويشن شاهہ سچل ساميءَ** جي ياد ۾ ٽن **عالمي سيمينارن** ۾ هند ۽ سنڌ جي مختلف علائقن مان ليکڪن، شائرن، دانشورن ۽ ڪلاڪارن جو ڀارت جي راڄڌانيءَ ۾ ڪٺي اچڻ سنڌيت جي هلچل جي تاريخ جو روشن مثال آهي. سنڌ جي ڀيرين پي. ايڇ. ڊي خاتون آپا شمس عباسي، جيجي زرينا بلوچ، ڊاڪٽر قمر جهان مرزا ۽ ٻيون ڪيتريون سگهڙ ڀينرهتي مارئيءَ جي سڏ تي ڪٺي آيون.

عورت جو نازڪ جنس هئڻ ڪري ان کي مردن جي ڀيٽ ۾ هر کيتر ۾ تمام گهڻيون مشڪلاتون درپيش اچن ٿيون. هتي سنڌ جي بزرگ دانشور علي احمد بروهيءَ جا عورت جي باري ۾ اظهار ڪيل ويچار پيش ڪرڻ چاهيندس.

آيون.ڪيتريون پيون بہ سُگهڙ پينرون ان طرح جي للڪارن سان منهن مقابل آهن. انهيءَ جي باوجود ثابت قدم سان اڳتي وڌي رهيون آهن.جهڙوڪ ڊاڪٽر فهميدا حسن،ساحر امداد،نورالهدا شاهہ، عطيہ دائود،مهتاب محبوب وغيرهہ

هند ۾ناٽڪ جي کيتر ۾ نہ صرف سنڌي رنگ منچ تي پر قومي سطح تي بہ ڪيترين ئي اداڪارائن پهنجو پاڻ موکيو آهي،فهرست وڏي آهي،دهليءَ جي موهني وجئيہ،منجو آسناني،ممبئي جي پُشپا مالهي،جئپور جي مايا ايسراڻي جنهن نہ صرف سنڌي اسٽيج تي پر هندي رنگمنچ،فلمن ۾ پهنجي ڪلا جو مظاهرو ڪيو آهي،لتا گپتا،اُرملا ماتر،دهليءَ جي شرميلا ملڪاڻي ۽ پيا بہ ڪيترا نالا آهن جن هندي توڙي سنڌي رنگ منچ تي پاڻ موکيو آهي.

ناٽڪ کانپوءِ سنگيت جي کيتر تي نظر ڊوڙائجي تہ لوڪ سنگيت، لاڏن ،غزل گائڪي ۾ ڪيترن فنڪارائن پهنجي مٺڙ آواز سان لکين دليون جيتون آهن.ڀڳونتي ناواڻيءَ نہ صرف لاڏا،ڪلام ،ساکيون ۽ سکمنيءَ جو پاٺ رڪارڊ ڪري سنگيت جي دنيا ۾ امٽ ڇاپ ڇڏي پر فلمن ۾ بہ سنگيت ۽ اداڪاريءَ سان گڏو گڏ ڳوٺ ڳوٺ وڃي سنڌيت جي هلچل جو پيغام پهچايو.پرڏيهہ ۾ بہ ننڍي ٿهيءَ کي سنڌيت طرف مائل ڪيو.ساڳيءَ طرح ڪملا ڪيسواڻيءَ نہ صرف سنڌي کيتر ۾ پر ٻين ٻولين ۾ بہ پهنجي آواز ذريعي قومي سطح تي خذمت ڪئي آهي. جنهن تي فخر ڪري سگهون ٿا .غزل گائڪيءَ

۾ شانتي هيرانند نہ صرف قومي سطح تي پر عالمي سطح جي فنڪارن جي صف ۾ هيءَ سنڌي خاتون اُرِدو غزل ڳائڪيءَ ۾ پنهنجو ناءُ ماڃرائي چڪي آهي. ممبئيءَ جي ڪملا جهانگياڻي موهني مير چنداڻي، وديا ڳربخشاڻي نور بيگم آڏواڻي، سرو ج راماچنداڻي. انڪا نسواڻِ انيتا جئسنگهاڻي ڪلان هزاري، تيلجي پوچواڻي، سپنا رائسنگهاڻي، پدما ڳدواڻي ساوتري ڳدواڻي، دهليءَ جون ليلو جهانگياڻي ۽ راڌڪا واڌواڻي، نلني هرياڻي، شوپا بگا ۽ نرمل چئناڻي جيڪا نہ صرف فنڪارا آهي پر اعليٰ عهدي تي ڪمُ ڪرڻ جي باوجود ڌرم دربار جي سيوا ڪارين ۾ لڳل آهي. بڙودي جي ميران ديويءَ جيڪو فلمي سنگيت ۾ پنهنجو يوڳدان ڏنو آهي، اُهو ساراهہ جوڳو آهي. ميران ديويءَ لاءِ موسيقار سي. ارجن هڪ هنڌ چيو تہ ميران ديويءَ جي آواز ۾ اهو جادو آهي جيڪو امر شهيد ڀڳت ڪنور رام جي ياد تازا ڪري ٿو. ورهاڱي کان اڳ جيوٽي پائي، ٿر جي ڪويل مائي ڀاڳي، سُشيلا مهتاڻي، لوڪ ڳيت ڳائيند ڙ فنڪارا جيانجي زرينا بلوچ، عابده پروين احترام جوڳا نالا آهن.

گليمئر جي دنيا ۾ بہ سنڌي عورتن پنهنجي ساک قائم ڪئي آهي. فلمي دنيا ۾ شيلا راماڻي، ساڌنا، ببيتا، ڪُمود ڇڳاڻي، سنگيتا بجلاڻي ڪنو ڳدواڻي، پيابہ ڪيترا نالا آهن. ان ڪان علاوه انجنيرئنگ، ريلوي، ڪمپيوٽر ۽ ايئرلائينس، آء. اي. ايس، آءِ پي. ايس، وڪالت، ڊاڪٽري، ٽيچنگ ۽ فئشن ٽڪنالاجي

اسيمبليءِ سطح تي اڄ سنڌي پيپنر اڳتي وڌي رهيون آهن. شروعات دادي ڄيٺي سپهاڻيملاڻي سان ٿي هاڻي راجستان مان ڪانتا ڪتوريا، گجرات مان ڊاڪٽر مايا ڪوڏواڻي بمبئي مان ڪامني ٻٽيجا، وينا ڀاٽيءَ پيون ٻرڪيتريون زالون سرگرم آهن. هتي سنڌ ڄائي محترمه بي نظير ڀُٽو جو ذڪر ڪرڻُ لازمي آهي جيڪا اسلامي مُلڪن ۾ پهرين عورت وزيرِ اعظم بڻي، دنيا ۾ سنڌي عورتن ۽ سنڌ ڌرتيءَ جو ڳاٽُ اوچو ڪيو.

اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا ۾، مايا ميرچنداڻي شويا ٿڌاڻي، پرتيبا آنواڻي آڪاشواڻي تي آشا منشاراماڻي، پرڏيهي نشريات ۾ وينا شرنگي، شالني ساگر، نيوز ۾ موهني شرما، ۽ پيون ڪيتريون سنڌي ڇوڪريون جنرلزم ۽ ميڊيا جي کيتر ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن.

تعليم ۽ روحانيت جي کيتر ۾ بين القوامي سطح تي برهم ڪماريون، پرجاپتي ايشوريه وشو وديالیه خاص طور تي ذڪر جوڳو ادارو آهي. دادي پرڪاش مڻي، دادي موهني ، ۽ پيون ڪيتريون ئي ان اداري جون پيپنر پريم پيائيا چاري جو پيغام سڄي وشو ۾ ڦهلائي رهيون آهن. دهليءَ ۾ درويش آستان جي پوڄيه اما ڪملا روحانيت جي پيغام کي اڳتي وڌائي رهيا آهن. سماج شيوا ۾ ساڌو واسواڻي مشن سان واستو رکندڙ مشن جي وائيس چيئرپرسن وملا دتواڻي، جئپور جي آشا رامچنداڻي ابو ڌابي ۾ انڊين ليڊيز ذريعي تعليم لاءِ ڪمُ

ڪيوءِ هتي سنڌيت جي ڪيتر ۾ سرگرم آهي، اجميرجي ڊاڪٽرسُشيلا موٽواڻي، بمبئي جي شانتي شهاڻي جنهن سان زندگيءَ وفا نہ ڪئيءَ پيون ڪيتريون پينر آهن. جيئن تہ مان شروع ۾ ئي چئي چڪي آهيان تہ انهن ۾ ڪيترين پين پينر جو بہ ذڪر اچي سگهي ٿو پر وقت جي محدودگين کي مدي نظر رکي مختلف کيترن جي ٿورئين ئي شخصيتن جو ئي ذڪر ڪري سگهي آهيان.

مقالي جي مريادائن کي ڌيان ۾ رکندي سيني پينرن جا نالا شامل ڪرڻ بہ مُشڪل آهن. ان ۾ اجان تفصيلن جي شامل ڪرڻ جي گنجائش آهي. اُميد ڪريان ٿي تہ ساڃاڻ شخصيتن طرفان وڌيڪ معلومات ءِ ا نگ اکر جوڙي سگهجن ٿا. ان ۾ اڳتي هلي وڌيڪ اضافو ٿي سگهي ٿو، ان موضوع تي وڌيڪ تحقيق جي گنجائش آهي. مان اوهان سيني جي سهڪار لاءِ شڪر گذار آهيان.

سدائين گڏ،

ش. س.

# سنڌي استريءَ جو
# تعليم ذريعي يوگدان

**(اندرا واسواڻي)**

تعليم جو مطلب آهي سکيا تعليم لفظ کي وسيع ۽ وستار سان سمجهڻ لاءِ انگريزيءَ جي هڪ ننڍي ڊڪشنري ۾ معنيٰ ڏنم :

Education means, knowledge and abilities, development of character and mental powers resulting from such training systematic training and instrction of the young in the School, College.

وڏي ڊڪشنريءَ ۾ ان جي معنيٰ آهي:

Education means, The act of educating,teaching or traning, the act or art of developing and cultivating the various physical, intellectual, aesthetic, The theory of the fine arts and Scinece or that branch of philosophy which deals with the beautiful doctrines (belief and teaching) (positive direction) knowledge gained by study or from books and instruction learning in the litrrature etc.

واه! ڪيڏي نه سهڻي معنيٰ آهي ! جي اندازو لڳائجي ته اهڙي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ شايد هڪ جنم ڪافي ڪانهي. تعليم انسان جو بنيادي حق آهي. علم انسان جي ٽئين اک آهي جنهن جي کُلڻ سان هو صرف پڙهي يا ڏسي نه ٿو پر دماغ سان سوچي به ٿو اُها سوچ ئي کيس هڪ ودوان، چاڻو فلاسافر، سائنسدان هڪ سائڪالاجسٽ، وغيره بڻائي ٿي. اسين جي ان معنيٰ کي صحيح نموني سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون

تہ اڄ جي سنڌي استري تعليم جي ڪيترن ڪافي اڳتي ۽ اڳتي وڌندي ٿي وڃي.

اڻهين صديءَ کان اڳ سنڌ ۾ استرين جي تعليم ڇڻ هئي ئي ڪون. انگريزن جي اچڻ کانپوءِ جڏهن انگريزي تعليم دستوري روپ ورتو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري قبوليت ملي تہ دستوري تعليم جو دور شروع ٿيو اڻهين صديءَ کانپوءِ سر بارٽل فريئر سنڌ جو ڪمشنر مقرر ٿيو تنهن پهرين سنڌي آئويٽا جوڙائي جيڪا جولائي ١٨٥٣ع کان وٺي چالو ٿي. ان وقت کان پوءِ سنڌي درسي ڪتاب انهيءَ مقرر ٿيل آئويٽا ۾ تيار ٿيا ۽ پوءِ ئي سنڌي اسڪول کليا.

هندو استريءَ جي ترقي يا سماج ۾ ڦيري بابت ڪماري سرلا ڄڳومل ايم. اي پرنسيپال تولارم گرلس اسڪول حيدرآباد جي لکيل هڪ پئرا گراف انوسار.

ڪنهن بہ سماج لاءِ سدائين هڪ حالت ۾ رهڻ تمام ڏکيو نہ پر ناممڪن پڻ آ هي، جئين قدرت ۾ بدلاءُ ايندو آهي تئين انساني سڀاءُ پڻ بدلجندو رهندو آهي،جيڪو وري سماج ۾ تبديليون آڻيندو آهي سماج يا قوم ڪيتري قدر ستريل آهي، ان جي ڄاڻ سندس استري جاتيءَ جي حالت مان پوندي آهي. ان وقت سنڌي استريءَ کي بلڪل ئي آزادي مليل ڪان هئي.ننڍي هوندي ئي کيس گهر کان ٻاهر ڪون نڪرڻ ڏنو ويندو هو.ننڍڙي ئي کين مڱائي پرڻائي ڇڏيندا هئا.تعليم پرائڻ جو کيس وجهہ ئي ڪون ڏيندا هئا.ڪن ڪٽنبن ۾ رڳو گرمکي اکر سيکاريا ويندا هئا.جئين پنو پوٿي پڙهي لکي سگهي.

سنڌ جا هندو توڙي مسلمان زناني تعليم جي اڪثر برخلاف هوندا هئا.ڪراچي حيدرآباد ۾ چرچ مشن سوسائٽي جا اسڪول هئا ۽ زناني تعليم لاءِ پڻ اسڪول کوليا ويا.پر ڪرستان ٿيڻ جي ڊپ کان اهڙن اسڪولن ۾ پهنجي پارن کي تعليم پرائڻ لاءِ ڪون موڪليندا هئا.پوءِ برهمو سماج وارن جي ڪوشش سان سنڌ ۾ زناني تعليم ڏيڻ شروع ٿي. هونئن به تعليم وٺڻ انسان جو بنيادي حق آهي.

ساڌو نولراءِ شوقرام آڏواڻي پهريون برهمو سماجي هو پوءِ پيا به سنڌي برهمو ٿيا.ڪي ڪلڪتي مان بينگالي برهمو سنڌ ۾ آيا انهن ناري جاتيءَ ۾ سڄاڳي آڻڻ جي سنڌ ۾ تاڪيد ڪئي ۽ حيدرآباد ۾ شيوڪرام چانبومل گرلس هاءِ اسڪول کوليو.جلدي ئي پوءِ پنگتي سُڌار منڊلي ٺهي ۽ آهستي آهستي ڇوڪرين جا اسڪول کلڻ شروع ٿيا.پر ماسترياڻيون ته هيون ڪون انڪري جيڪي وڌوائون گرمکي چاڻنديون هيون تن کي اسڪول ۾ ماسترياڻيون ڪري رکيائون.اُنهن تي وري پيون زالون قياس ڪائينديون هيون ته ويڇارين جو ڪو پيو ڪٽندڙ ڪمائيندڙ ڪونهي تنهن ڪري هيءَ حال ٿيا اٿن.

انهن ماسترياڻين کي پڙاهڻ تہ ايندو ڪون هو تہ وقتي ساڌونولراءِ ۽ ساڌو هيرانند پاڻ پڙاهڻ ويندا هئا جئين ماسترياڻيون پڙاهڻ سکن.پوءِ جئين تعليم وڌي تئين ماسترياڻين ۾ لياقت ۽ هوشياريءَ جي به ضرورت ٿي.آهستي آهستي جيڪي پڙهي تيار ٿيون تن کي ماسترياڻيون ڪري رکيائون

۽ وڏو ائن کي سنڌن آجيو ڪا لاءِ ناري شالائون کولي ڏنائون.

ڪراچي حيدرآباد ڪانپوءِ ساهتيءَ جي ڪيترن شهرن، لاڙڪاڻي سکر شڪارپور ۾ به ڇوڪرين جا اسڪول کولڻ شروع ٿيا. ساهتيءَ ۾ راءِ بهادر ڪوڙي مل ۽ ڪراچيءَ ۾ ڀائي ڄڳو مل زناني تعليم کي زور وٺائڻ لاءِ اُپاءَ ورتا. حيدرآباد ته ڇڱا ڇوڪرين جا اسڪول کليا. ڪملا گرلس هاءِ اسڪول. ڪندن مل گرلس هاءِ اسڪول. ڀائي نانڪرام پهنجي نوجوان سرڳواسي پٽ ٽيڪمداس جي نالي، ٽيڪمداس نانڪرام گرلس اسڪول حيدرآباد ۾ جاري ڪيو. ڀائي بولچند تولارام استرين جي بهبوديءَ لاءِ پهنجي پتا جي نالي تولارام گرلس اسڪول حيدرآباد ۾ کوليو ۽ پهنجي ماتا سمورت ڀائي اسڪول جي عاليشان عمارت ٺهرائي، لاڙڪاڻي ۾ شري ڪوڏو سنگهه پمناڻي جو اسڪول هڪ آدرشي اسڪول ليکيو ويندو هو. سڄيءَ سنڌ ۾ نه صرف ڪافي اسڪول کليا پر اسڪولن جون عمارتون به عاليشان هيون، ميرپورخاص ۾ گرونانڪ ڪنيا پاٺشالا کولي وئي جيڪا پرمانند منسڪاڻيءَ کولي دادي موتل ان جي هيڊماسترياڻي هئي. تعليم جو اهو دور هاڻي شهرن کانپوءِ ڳوٺن ڏئي وڌڻ لڳو. ان زناني تعليم ڪري ڇڻ ڳوٺاڻو جيون جو شهري جيون ڏانهن لاڙو وڌڻ لڳو. انڪري ڪيترن ڪٽمبن اهو محسوس ڪيو ته تعليم ذريعي سنڌن نياڻين جي ضرور تبديليون ايندون ۽ ٿيو به ائين استري هاڻي پهنجي سوالن کي پاڻ سمجهڻ لڳي هوءَ اُنهن جا

جواب تعليم ذريعي ٻُولهڻ لڳي ننڍي عمر ۾ شاديون يا ٻي ميل شاديون پنگتي ويا ۽ ڏيتيءَ ليتيءَ جهڙن مسئلن ڏانهن سندن ڌيان ويو.

اعليٰ تعليم لاءِ ساڌو هيرانند پهريو شخص هو جيڪو پهنجي پڻ ڌيئرن کي اعليٰ تعليم لاءِ بانڪيپور وٺي ٿنئي ويو ته واٽ تي پاڻ بيمار ٿي پيو. سندس چالاٽو ته اُتي ٿيو ۽ نياڻيون موٽي آيون. پر ساڌوهيرانند جو اهو پاريل ڏيئو وسامي ڪون ويو اُنهيءَ مثال کي وٺي ڪري پائي جڳو مل پهنجي نياڻين کي اونچ تعليم لاءِ ڪلڪتي موڪليو.

سنڌ ۾ اهڙي قسم جي تعليم کي زور پرنيسپال شهاڻيءَ وٺايو. پهرين پهنجي ڌيءَ کيءِ ڪاليج ۾ داخلا ڏيارپائين جيئن پين لاءِ مثال ٿئي. صاحب سنگهه شهاڻي پهريون سنڌي هو جيڪو سنڌ ڪاليج جو پهريون پرنسيپال مقرر ٿيو نه ته يورپي پرنسيپال هوندا هئا. رُڪي شها ٽيءِ سنڌ جي پهرين گرئجوئيٽ هئي پوءِ پهنجون پيون ٻه نياڻيون ڪاليج ۾ داخل ڪرايائين. اهڙي نموني پين ڇوڪرين ۾ ازخود شونق جاڳيو ۽ مائٽن ٻه پهنجي ڌيئرن کي ڪاليج ۾ موڪليو جو ڪين پڪ هئي ته پرنسيپال شهاڻيءَ جي نگرانيءَ هيٺ سندن نياڻين جي سٺي نموني سار سنڀال ٿيندي. اهو رواج عام ٿيندو ويو. حيدرآبد ۽ شڪارپور جي ڪاليجن ۾ ماٺهو پهنجي ڌيئرن کي پاڙهڻ لاءِ موڪلڻ لڳا ۽ گهڻيون ڇوڪريون گرئجوئيٽ ۽ ڊبل گرئجوئيٽ ٿيڻ لڳيون.

ڪراچيءَ ۾ مسٽر پيسو مل جي ڌيءَ ڪماري پارپتي بي. اي پاس هئي ۽ ڪراچيءَ جي انڊين گرلس هاءِ اسڪول ۾ ماستريائي هئي جتي انگريزي ماڌيم دوران تعليم ڏني ويندي هئي ۽ ڇوڪرين کي ڊانس ۽ سنگيت جي سکيا پڻ ڏني ويندي هئي. هڪ مکيہ ڳالهہ جيڪا پارپتيءَ ڪئي جو سنڌ جي هڪ سئو ورهين جي ڪهاڻي نالي ڪتاب لکيائين جنهن ۾ سنڌ پرڳڻي جي پنگتي، ڌرمي ملڪي ۽ ٻين ڳالهين تي لکيل ڪتاب آهي. کيس ان وقت سرڪار طرفان سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ طرفان پنجن سئو روپيا انعام ڏنو ويو. مان سمجهان ٿي جي اندازو لڳائجي تہ اڄ جي انعامن جي ڀيٽ ۾ اُهو انعام ان وقت جو وڏي ۾ وڏو انعام هو جيڪو هڪ سنڌي استريءَ کي مليو.

مکي منگهارام جسٽس آف پيس جون ٽي ڌيئر سنڌ جي سچي پائيبند قوم ۾ پهريون هيون جن اونچي تعليم ورتي. وڏي سرسوتي جنهن بي. اي پاس ڪئي وچين وديا جنهن ممبئيءَ ۾ ايم. اي انگلش ۽ فرينچ ۾ ڪئي ۽ حيدرآباد ۾ فرينچ سيکارڻ لاءِ آنرري ليڪچرار ٿيءَ ننڍي گوپي گرئجوئيٽ هئي ۽ پهنجي پتا وانگر جسٽس آف پيس ٿي.

هاڻي انهن پڙهيل ڇوڪرين کي ماستري ڪرڻ ۾ ڪو اهم ڪون ٿئي نظر آيو ڇوڪرين جا سڀ اسڪول ماستريائيون ئي هلائڻ لڳيون ۽ ڪيترين ماستريائين جي تعليم ۾ ساک نڪرڻ لڳي. پوپٽي هيرانندائي بہ حيدرآباد ۾ ڪندن

مل گرلس هاءِ اسڪول ۾ ماسترياڻي هئي ۽ سڻي ماسترياڻي
ڪري ليکي ويندي هئي. لاڙڪاڻي جي ڪنيا وديا ليہ جي
دادي مٿري جي اڄ تائين سندس شاگرياڻيون ساک ڀيون ڀريندون
آهن ۽ سندس نالو تمام عزت سان وٺنديون آهن. ڪماري ڪرشنا
ڀمپاڻيءَ جي چوڻ موجب لاڙڪاڻي ۾ هوءَ پهرين هئي ڪروي
يونورسٽيءَ مان خانگي طور بي. اي ڪئي ۽ پهنجي پتا شري
ڪوڏو سنگهہ ڀمپاڻيءَ جي ڪنيا وديا ليہ جي پرنسيپال مقرر
ٿي. ماستريءَ جو ٽرينگ ڪاليج پهرين ڪراچيءَ ۾ هو پوءِ
اُتان بدلائي حيدرآباد ۾ ڪيائون. انڪانپوءِ نہ صرف ماستريءَ لاءِ
ٽرينگ پر ڊاڪٽري ۽ نرسنگ لاءِ بہ ڇوڪرين تعليم وٺڻ
شروع ڪئي. ڊڪٽري لاءِ ڪين دهليءَ جي ليڊي هارڊنگ ڪاليج
۾ داخلا وٺڻي پوندي هئي. اُن ڪاليج ۾ سنڌ جي ڇوڪرين
لاءِ بہ سيٽس مقرر رهيون. ڀڳونتي ميرچنداڻي ۽ ساوتري
ميرچنداڻي اتان ڊاڪٽري پاس ڪئي. ڀڳونتيءَ پوءِ آغا صوفي
ڊپٽي ڪمشنر سان شادي ڪئي ها ٿي سندس عمر لڳ ڀڳ ٨٢
سال آهي پوءِ جڏهن ڪراچيءَ ۾ ڊوميڊيڪل ڪاليج کليو تہ
ڪن ڇوڪرين ان ۾ داخلا وٺڻ شروع ڪئي. ڪراچيءَ جي
جنهن سائنس ڪاليج ۾ هريدلگير پڙهيو ان ڪاليج ۾ ڪماري
گلمي ڇبلاڻي ايم. اي فرسٽ ڪلاس فيلو ليڪچرار
هئي. ڪيترا ڇوڪرا ڪلاسن جي ٻاهران بهي عجب ۾ ڏسندا
هئا تہ هڪ ڇوڪري ڪيئن ٿي ڪاليج جي ڇوڪرن کي
پڙهائي:

هنيئر سنڌي مائٽن ۾ ڇوڪرين جي تعليم لاءِ سگها ٻڌي اچڻ لڳي ۽ هو کين سندن دل جي لاڙي پٽاند ڙ تعليم ڏيڻ پسند پيا ڪن.ڪن پهنجي ڌيئرن کي جئپور ۽ پين هنڌ موڪليو جتي کين بهادريءَ جي تربيت ڏني وڃي.مها ڪوي ربيندر ناٿ ٽئگور جي آدرشي مهاوديالي شانتينڪيتن ۾ ڪيترن مائٽن پهنجي ڌيئرن کي موڪليو.اتي پينٽنگ راڳ نرتيہ ڪلا ۽ ڪي هٿ جا هنر سکنديون هئيون.سڄي سنڌ ۾ ڇوڪرين لاءِ سينٽ ميرا ڪاليج ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي ڪوشش سان آدرشي ڪاليج ٿيو.

اسڪولن ۾ ٻالڪن جي ٻاري شروع ٿي جتي ننڍا ٻار ڇوڪرا ننڍيون ڇوڪريون هر آرتوار تي ڪلاڪ ٻہ پاڻ وندرائڻ جي سکيا وٺندا هئا.ٻارن ۾ ڦڙتي پيدا ٿي ٻالڪن جي ٻاري شروع ڪرڻ وارو دادا شيوڪ ڀوڄراج موٽواڻي هو ۽ دادي پارپتي انهن کي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ ڦهلايو.

اسڪولن ۾ گرلس گائيڊ جي شروعات ٿي.را ند روند دوران ڇوڪرين ۾ بدني شروعات سان گڏو گڏ ادب. انتظام، ظاپتو سيکاريو ويندو هو ۽ ان سڄيءَ سکيا جو تمام سٺو اثر ٿيو. سنڌ ۾ راشٽريہ شيوا دل،راشٽريہ سونيم سنگھ جاري ٿيا جتي ڇوڪريون الڳ الڳ قسم جون ٽرينگ وٺڻ لڳيون.

پهرين دور ۾ اُنهن سکيا وٺڻ شروع ڪئي ٻئي دور ۾ اُنهن سکيا ڏيڻ شروع ڪئي.هاڻي ٽيون دور هو تہ ڪن پنگتي سڌارن ڏانهن پڻ ڌيان ڏيڻ لڳيون.ڇوڪرين کي اسڪولن

ڪاليجن ۾ پاڙهڻ جي ضرورت ٿي ته شاديون وڏي عمر ۾ ٿيڻ لڳيون. ڪي ڇوڪرا انگليڊ رٽرنڊ به ٿيا ته ڏيتي ليتي وڌڻ لڳي ڪيترن اسڪولن ۾ گڏيل تعليم پڻ شروع ٿي جتي ڇوڪرا ڇوڪريون گڏ پڙهندا هئا. ڇوڪريون اُن وقت پڙهڻ ۾ تيز هئيون، جيئن هاڻي پڻ آهي. اسڪولن ۾ ٽئين درجي کان انگريزي سيکاري ويندي هئي. تعليم جو درجو ڪافي سٺو هو. ڇوڪرين ۾ پڙهائي سان گڏ انگريزي طور طريقا به وڌڻ لڳا. ڪراچي حيدرآباد جا رواج ۽ فئشن ٻين شهرن ۾ ته ڇا پر ٻهراڙين ۾ ڦهلجڻ لڳا. تعليم سان گڏ ڪپڙي لٽي، رهڻ ڪرڻ ، ريتن رواجن ونهوار ۾ به فرق پوڻ لڳا. پائيبند ڪٽنمب جو ڇوڪريون به پڙهڻ لڳيون. ڪن فائينل پاس ڪئي ڪن چار درجا پڙهيا اُهي گهڻو ڪري نوڪريون ڪون ڪنديون هيون.

استرين جي تعليم جيئن وڌڻ لڳي تيئن آزاديءَ سان گهمڻ ڦرڻ جو چاهه به منجهن پيدا ٿيڻ لڳو. ١٩١٩ع جي مهاتما گانڌيءَ جي هلچل جو اثر سنڌ تي پڻ ٿيو. سوديشي هلچل جاري ٿي. هندوستان کي آزاد ڪرائڻ جا نعرا لڳڻ شروع ٿيا. ته اُن هلچل جي لهر اسڪول ڪاليجي ڇوڪرين سان گڏ گهر جي ننڍين نئين شادي ڪيلن ۾ پڻ آئي. پردي جو رواج اُن وقت کان لهڻ لڳو ١٩٣٠ع کان ته مهاتما گانڌيءَ جو وڏو اثر ٿيو. جواهر لعل نهروءَ جي ڪانگريس اجلاس به سنڌ ۾ سڄاڳي آندي. ڇوڪريون پريڊ ڪرڻ لڳيون. واليٽر تي ڪم سنڀالڻ لڳيون. ٻين اڳوانن استري توڙي پرشن جي خيالات مان واقف

استريون اچي گڏ ٿيون هيون. ان جو اثر اهو ٿيو جو سنڌي استرين جو دماغ وڌيڪ کُلڻ لڳو .هو مڙدن جهڙن حقن لاءِ اُن وقت بہ وقت گهر ڪرڻ لڳيون. اها تعليم هئي جنهن ڄيٺي سپاهيملاڻي جهڙي سياستدان پيدا ڪئي ڪماري ڄيٺي پهرين ديا آسرم جي پرنسيپال هئي.١٩٣٥ع ۾ تعليم جي سرشتي ۾ ٻين اهڙين ڳالهين جي اڀياس ڪرڻ لاءِ هوءَ يورپ وئي. اتان موٽي تہ هن اها پرنسيپلشپ ڇڏي ملڪي هلچل ۾ گهڙي ۽ ١٩٣٧ع ۾ هوءَ سنڌ اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسڪيپر جو عهدو ماٽيو جيڪو اڄ تائين ٻي ڪنهن سنڌي استريءَ ڪون ماٽيو آهي.

ان دور کي سنڌي استريءَ جي تعليم جو چوٿون دور چئي سگهجي ٿو.جڏهن هن صحيح نموني پهنجي ڪٿ ڪرڻ شروع ڪئي.کين پهنجو پاڻ سڃاڻڻ جو موقعو پڻ مليو. جيئن مٿي بيان ڪيو آهي علم انسان جي ٿئين ا کہ آهي اها جڏهن کلي تہ استري پهنجي چوڌاري ڇئني دشائن کي ڏسڻ شروع ڪيو.کيس اهو پڻ احساس ٿيو تہ سهي، انتظامي،آدرشي،سنسڪاري تعليم سان هوءَ ڪيترين ڳالهين تي سوچي سگهي ٿي ڪيترا اهم فيصلا ڪري سگهي ٿي.هن جو آتم وشواس وڌڻ لڳو سوئنتر ويچار شڪتي هن ۾ ڪيتريون تبديليون آڻي ٿي سگهي.

۽ ائين ئي اتهاس ۾ تبديل آئي.مُلڪ جو ورها ڱو ٿيو. سنڌين کي سنڌ ڇڏڻي پئي. بينگالين کي اڌ بينگال ۽ پنجابين

ڪي اڌ پنجاب مليو. انهن جو ٻولي ۽ ڪلچر ٻاڇي ويو. پر سنڌين کي ڪو بہ ٽڪر زمين جو ڪون مليو جتي اچي هو ٽانئيڪا ٿين. ڪين ڪئمپن ۾ سٽيو ويو. الهاس ننگر هاجي يا ديولالي يا پمپري، راجستان، گجرات، مهاراشٽرا، مڌيہ پرديش يا يو. پي سنڌي هندوستان جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ ڦهلجي ويا. روزي روٽي جا مسئلا. وڏن وڏن زميندارن مٿي تي ڪوماچا کنيا. پڙهيل ٻڙهيل مزدوري ڪئي. پٽر کنيا اهڙي وقت سنڌي استري مردن سان ٻانهہ ٻيلي ٿي بيٺي. اُها استري عامل هئي يا ڀائيبند گهر جي هئي ڪوئي وياچو ڪون هو بس محنت کي لڳ وئيون ڪيچا پاپڙ ٺاهي وڪڻڻ، مردن کي ڪوماچن لاءِ ڪوهر رڌي ڏيڻ. ٻهاري ٻاسڻ ملڻُ، ماني ٺاهڻ جو ڪمُ ڪرڻُ هنن هاڇڪ نہ ڪئي. پر هنن ڪنهن اڳيان هٿ نہ ٽنگيو. روزي روٽيءَ جو مسئلو اڃان هل ئي ڪون ٿيو هو تہ ٻارن جي تعليم جي اون ٿي جتي جتي سنڌي وسيا اُتي اُتي سنڌي اسڪول کليا. اسڪولن لاءِ عمارتون ڪون هئيون تہ مسواڙي جڳهين جي ڪمرن ۾ تنبن ۾، کليل ميدانن ۾ پڙاهڻ لڳا سنڌي استري اُتي بہ پنتي ڪون پئي جيترو پڙهيل هئيون اُنهن اسڪولن ۾ نوڪري ڪرڻ لڳيون. اسڪولن ۾ داخلائون ٿيڻ لڳيون ڪن کي سنڌ جي سرٽيفڪيٽن جي آڌار تي تہ ڪن کان ٽيسٽ وٺي، جن جي مئٽرڪ اڌ ۾ رهجي وئي اُنهون کي بمبئي وڃي امتحان ڏيٽو پيو. ڪي اهڙن فائدن کان رهجي ويا ڇاڪاڻ سيني لاءِ حالتون ساڳيون ڪون هيون.

سنڌيءَ جا اهي اسڪول بمبئي، الهاسنگر. چئمبور، پوني، پيمري ، اجمير ، جئپور ،بئراڳڙهہ ،دهلي، ديولالي ،ناسڪ، ناگپور، رائپور الائي ڪٿي سنڌن اڳوانن جي نالن سان شروع ڪيا ڪي تہ تمام آدرشي اسڪول ليکجڻ ۾ آيا. الهاسننگر ۾ نيو ايرا هاءِ اسڪول جيئن بمبئي ۾ ڪملا هاءِ اسڪول، ڪندن مل گرلس اسڪول، احمدآباد ۾ مهاتما گانڌي هاءِ اسڪول، سنڌ ماڊرن هاءِ اسڪول يا پيا دهليءَ ۾ بابانيپيراج هاءِ اسڪول گانڌيڌام ۽ آديپور ۾ مئتري مهاڪنيا وديا ليہ ۽ آدرش مهاوديا ليہ، اجمير آدرش هاءِ اسڪول وغيرهہ انهن اسڪولن ۾ ڪيترين سنڌي ماسترياڻين جيتري محنت ۽ لگن سان شاگردن ۾ چاهہ وٺي ڪين تعليم ڏني اُها ڪڏهن وساري نہ ٿي سگهجي. اڄ بہ اُنهن جا شاگرد شاگردياڻيون اُنهن جو نالو تمام عزت سان وٺن ٿا ڪيترين ماسترياڻين جن پهنجي تعليم پوري نہ ڪئي هئي تن خانگي پڙهائي ڪري بي. اي، ايم. اي، ايس ٽي سي جهڙا امتحان ڏيئي پاڻ کي لائق بڻايو ۽ پرنسيپال جهڙن عهدن تي پهتيون. اهو پڻ چوڻ ڪان نہ ٿو رهي سگهجي تہ تعليم جي هر ڏس ۾ چوڪرين محنت ڪري پاڻ موکيو آهي. اُهي آفيسون هجن سرڪري يا خانگي آفيسون هجن، ڪارخانا، شيئربزار جا ڪم پيون سنڀالين. فرمن جون مئنيجنگ ڊائريڪٽر بڻي عهدا ٿيون ماڻين. ڪيترين چوڪرين پهنجي ننڍن ڀائرن ۽ ڀينرن جي پڙهائي ۽ سندن آئيندي لاءِ، ڪن پهنجي مائٽن کي مالي مدد ڪرڻ لاءِ شادي نہ

سنڌي استري ڪتي نہ پهتي آهي جنرلزم، ٽي.وي. جتي ڏسو اُتي هوشياريءَ سان ڪمُ ڪندي نظر ايندي.

ڊاڪٽر اندر اهنوجا، وڪيل راڻي چيتملاڻي سئڪالا جسٽ آرجنڊير اماڻي، شفالي دوردرشن لاءِ پرگرام تيار ڪيو، بيوٽي ڪئين يُڪتا واهه! پائي واهه! !

اهو سڀ تعليم جي واڌاري جو ئي نتيجو آهي. تعليم ڪري ئي ڪين پاڻ سڃاڻڻ، پهنجي آئيندي ٿاهڻ ۽ وڏي ڳالهه تہ پهنجو پاڻ کي ان قابل بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻيون پيون ٿيون، انڪري اهڙين استرين کي داد ملڻ گهرجي.

جيتوڻيڪ پايو وجهندڙ ماسترياڻيون آهن ماسترياڻين، تعليم جو واسطو صرف ڪتابن پڙهڻ يا ڪورس پوري ڪرڻ سان ڪون آهي. ڪاليج جي پروفيسر جو بہ اهم ڪردار رهي ٿو. پر سندن سڄي جي سڄي پراستيءَ جي وڪاس جو ٿيندو آهي، جنهن جي جو ابداري سُٺين ماسترياڻين جي هوندي آهي. ان سان گڏ آزاد وايو منڊل پڻ ضروري آهي. ڪين بنيادي حقن جي ڄاڻ ملي ٿي. استري تعليم جي مائٽن، سماج وغيره تي بہ مدار رکي ٿو. جيئن ڇوڪريون پهنجي دشا ڳولهڻ ۾ ڪامياب وڃن گڏو گڏ نيڪ انسان بہ بڻجي سگهنديون، جنهن جي ضرورت سماج ۽ ديش کي تمام گهڻي ضرورت آهي.

# مهنجو وطن

هي مهنجو وطن، مهنجو وطن، مهنجو وطن،
مصريءَ کان مٺيرو ماکيءَ کان مٺيرو،
قربان تنهن وطن تان ڪريان پهنجو تن بدن،
هي مهنجو وطن، مهنجو وطن ، مهنجووطن .
پهنجي وطن جي آءٌ جي حالت ڪريان بيان،
سُڏڪي پوي زمين هنجوُن هاري آسمان.
دکڙا وطن جا سارينديءَ، مهنجو چُلي ٿو من.
هيءَ مهنجو وطن، مهنجو وطن ، مهنجو وطن.
مٺڙي وطن کان آءٌ رکي کي بہ نہ واريان،
جيڪي هاجيم ڏيئي وري ڪين پاڇاريان،
دل ۾ هميشه شال رهي ، ديش جي لگن،
هيءَ مهنجو وطن، مهنجو وطن ، مهنجو وطن.
جي چاهه اٿم ڪا تہ وطن شاد ڏسان مان،
آزاد ڏسان مان وري آباد ڏسان مان.
مستي اِنهيءَ ۾ آهه، دکايل جي دل مگن.
هيءَ مهنجو وطن ،مهنجو وطن، مهنجو وطن.

(دکايل)

## چرخو

غريبن كي روزي رسائيندو چرخو
اُگهاڙا هزارين ڍڪائيندو چرخو.
ڪٽي ڪپهه جي ڇوٽ ڪانجي ڪرياسي،
مسيحا ٿي مڙدا جياريندو چرخو.
خطرناڪ رستو آ، آزادگيءَ جو،
مگر ماڳ منزل پڄائيندو چرخو.
ڪنداسين سٺنتر هندوستان پهنجو،
دڪايل جي هرڪو هلائيندو چرخو.

## ائٽ جو آواز

تنهنجي ائٽ جو آواز مون ترجهوپڙين ۾ ٻڌو.
هرڪو ڪاهيندو ٿئي وتيو.
هرڪو ڪاهيندو ٿئي وتيو، ڍيرا ڻاهيندي ٿئي وتيو.
تنهنجي ائٽ جو آواز مون تہ آشرم ۾ ٻڌو،
چرخو چاهم سان ٿئي ڪتيو،
چاهم سان ٿئي ڪتيو، هرڪو چوريندي ٿئي وتيو.
